# وارڊ نمبر تيرهن

## ناول

نوشاد

# وارڊ نمبر تيرهن

ناول

نوشاد

SINDH WRITER
Publication

سنڌ رائيٽر پبليڪيشن

**Sindh Writer Book No. 6**

# "وارڊ نمبر تيرهن"

(جيون ڪٿا/ ناول)

ليکڪ: نـــوشـــاد

ڇاپو: پهريون (ست جولاء 2003ع)

ڪاپيون: پنج سئو

ڪمپوزنگ: منظور احمد جوڻيجو (الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس حيدرآباد)

لي آئوٽ: دلدار "مزن" قلپوٽو

ڇپيندڙ: بائينڊنگ محمد اختر خان، محمد فيصل خان پاڪيزه پريس حيدرآباد

ڇپائيندڙ: سنڌ رائيٽر ـ پبليڪيشن (باڍهه)

ٽائيٽل: ناصر راجپوت

| | |
|---|---|
| قيمت: | سئو روپيا |
| ٽپال خرچ: | ٽيهه رُپيا |

ڪتاب جا هڙئي حق سنڌ رائيٽر وٽ سهيڙيل

سهڪار: سنڌ رائيٽر فورم ـ سنڌ
(مرڪز ـ باڍهه)

**WARD NO. 13**

Sindhi (Novel)

Writer: **Naushad**
Published by: Sindh Writer Publication
Office Ghazi Chaunk,
P.O. Badah - 77010 (Distt: Larkano) Sindh

**Rs: 100**

# اداري طرفان

اداري جو هي ڇهون ڪتاب آهي. ڪتاب ڇپڻ ڪيڏونه ڏکيو ڪم آ؟! اها پنهنجي جاءِ تي هڪ اگري حقيقت آهي ته ڪتاب ڇپڻ واقعي به ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. "سنڌ رائيٽر" پنهنجي مدد پاڻ تحت هن اداري طرفان هيءُ ڇهون ڪتاب شايع ڪري اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين ان اميد سان پهچائي رهيو آهي ته اوهان "سنڌ رائيٽر" دوست نه صرف ڪتاب خريد ڪندا، بلڪه ان ڪي وڌيڪ دلچسپيءَ سان پڙهندا ۽ پنهنجي پنهنجي ترِ ڪتابن ڪي متعارف پڻ ڪرائيندا.

اهو سڀ ڪجهه ٻوليءَ جي حوالي سان اوهان جو اولين فرض آهي ته اوهين نه صرف قوم جي سماجي اوٺاين تي لکو، پر! سماجي اوٺاين تي لکيل آهي ڪتاب پنهنجي پنهنجي ترِ ۾ متعارف ڪرائي پنهنجو قومي ۽ ادبي فرض پڻ نڀائڻ جو جتن ڪريو!

اداري جو ۽ "نوشاد" جو هيءُ ڇهون ڪتاب، جيڪو انسان جي نازڪ احساسن، اسپتال جي ڳجهين حالتن، اڇوڪن مسيحائن (ڊاڪٽرن) جي پرڪارن، ادب، الله ۽ تصوف جي تشريح آهي، سو ڪتاب ڇپيندي/ اوهان ڪي آڇيندي ادارو انتهائي فخر محسوس ڪري رهيو آهي.

اداري جا شروعاتي سهيڙيندڙ صادق "ساگر" سيلرو، ماسٽر صادق سيلرو، فدا سيلرو، ماسٽر لياقت جوڻيجو، نادر گل جوڻيجو، "عاطف" عبدالجبار جوڻيجو، سائين سيف سومرو، ايم عالم تبسم، سنجڻ ڪمار ساگر، ضمير ڪرل ۽ محترم سائين سيد گل محمد شاهه بخاري جن جا پڻ ادبي ٿوراٿتا آهيون، جن پبليڪيشن ڪي شايع ڪرڻ ۾ ادبي سات ڏنو هو ۽ آخر ۾ سنڌ رائيٽر جي موجوده سٽ مئنيجنگ ايڊيٽر ڪرم مولائي، سب ايڊيٽر پيچو فقير، اسسٽنٽ ايڊيٽر دلدار مزن ڦلپوٽو، اسٽاف رپورٽر نبي رضا بلوچ، بيوس خادم بروهي، قانوني صلاح ڪار اطهر عباس سولنگي، فني صلاح ڪار ايم جان زهري ۽ سرڪيوليشن مئنيجر پياسي نواب جا پڻ ادبي ٿوراٿتا آهيون.

"نوشاد" جو هيءُ ناول حقيقتن جو عڪس آهي، حقيقتن جو اولڙو آهي، حقيقتن جو آئينو آهي، اسان ڪي اميد آهي ته "نوشاد" جي هيءُ ذاتي جيون ڪٿا/ ناول پڙهندڙن ڪي ضرور وڻندو....

**"وفا" صالح راڄپر**

ايڊيٽر سنڌ رائيٽر

# وارڊ نمبر تيرهن

**سورهن** نومبر ٢٠٠٢ع جي صبح جو جناح اسپتال ڪراچي (چيسٽ وارڊ) جي مسيحا هڪ پوڳ ڪيو.

(بيڊ خالي ٿيو آهي، مريض کي جلد موڪليو!!!)

پورن پنجن هفتن کان ڈاڪٽر "منظور قلپوٽو" پنهنجي نصيرآباد شهر واري ڪلينڪ تي اهو پوڳ ڪندو رهيو.

(بيڊ خالي ٿئي ته توهان کي داخل ڪبو!!!)

"آغا خان" جي رپورٽ موجب منهنجي طبيعت وڪري چڪي هئي ۽ (Tubber Clouses) جسم جي جڙ جهلي چڪا هئا. پر! مون کي ذهني طور تي ڪوبہ درد ڪين ٿي رهيو هوم، ڇو جو! اهڙو پوڳ منهنجي نوجوان ونيءَ سان بہ ٿي چڪو هو. جيڪا زندگيءَ جو پوڳ نہ سهي مون سان پوڳ ڪري وئي......

زندگي واقعي پوڳ تہ ناهي......!!!

۽ جي زندگي پوڳ آهي تہ پوءِ اهڙا ڪيترائي پوڳ حياتيءَ جي هن ڳتيل بازار ۾ پوڳي چڪو آهيان.....

هڪڙو پوڳ سٽن سالن جي ٻالڪ پڻي ۾ ٿيو

ڪو قصيدو وغيره لکندس!؟!

مان نہ "عُرفي" آهيان، نہ "نظيري" آهيان، نہ "قاسم" آهيان، نہ "ظهوري" آهيان ۽ نہ وري ڪو "صائب" وغيره ئي آهيان، جو! تنهنجي سياسي موت تي شان گوئي (قصيده گوئي) ڪري تنهنجن پڳدارن ڪان ٻہ ڏوڪڙ انعام ۾ حاصل ڪريان؟؟؟!؟؟؟ اڙي جاهل؟! توتي لکڻ ڪان تہ بهتر آهي، جو! مان سنڌ ڌرتيءَ لاءِ هڪ ڪچي گار ئي لکي وٺان...!!!

الاءِ جي ڇو؟! "خيام" جي رُباعيءَ جيان منهنجو هيءُ جيون بہ هڪ درديلي رباعي بڻجي چڪو آهي!!! ۽ ڪنهن جي آڏو هٿ ڦهلائڻ ڪان بهتر "حافظ" جيان خمير ٺاهڻ جي پيشي کي وڏيڪ اهميت ڏيندس.!!

زندگيءَ جي پيچري تي مان ڪڏهن بہ "اناپرست" نہ رهيو آهيان، ها دوست! مان تہ "سودا" جيان "ضمير پرست" رهيو آهيان.... ڪڏهن ڪڏهن ايئن پاسندو اٿم، جيئن ڪو منهنجي ِمن ذهن جو مظهر "مير تقي مير" جي ذهني مظهر جو هڪ اٽوٽ تسلسل هُجيم!!!

هونئن بہ "آتش" جيان آزاد پسند تخليقڪار آهيان، منهنجو مظهر پويتر خيالن جو هڪ جهوڳو آهي، ڪوئي هڪڙو پيرو ان کي سمجهڻ جي سگهہ تہ ڌاري!!!؟!!!

واقعي! شاعري، شاعر جو پيٽ ناهي ڀريندي، پر! اِهي ئي الفاظ آهين، جيڪي شاعر جي ذهن جو پيٽُ ڀريندا آهن!! ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن نالي واري شاعر جي شاعري بہ ذهن جو پيٽُ ڀرڻ بجاءِ ذهن کي منتشر ڪري ڇڏيندي آهي!!! هونئن بہ اَبتيون سُبتيون سِٽون لکي، چند ڪافيا ملائي فاعلاتي شاعرن کي هرويرو ڇالاءِ ڏنو ڪجي؟! ساٿي!!!

مان آزاديءَ جو ايترو تہ قائل آهيان، جو! شاعريءَ ۾ بہ شاعريءَ جي هر خيال کي وجود جيان آزاد ڪرڻ تہ چاهيان..... هونئن بہ بدو عربن جي دور جو فاعلاتي ناٽڪ رچائي ڇالاءِ اڇوتن احساسن کي قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي؟!

ادب جي منزل ڇا اسين سڀ شاعر (سرڪش گهوڙا) آهيون، جن ۾ (موجوده وقت؟!) وڏي ۾ وڏو گهوڙو "شيخ" آهي، جيڪو هينئر پوڙهائپ جي ڪِڪ هاري رهيو آهي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هو ٺاهڙجي

(سجاد ريسٽورنٽ) تي بس جو اسٽاپ ڪرڻ روزي رکڻ جو مقصد هو، جڏهن ته ڪراچيءَ ايندي وقت بسن (Blue Lines) وارا اهڙن ڪوڙ سارن هوٽلن تي گاڏين کي ڄامشورو جي اورين يا پرين يا ڪراچيءَ جي اورين اسٽاپ ڪرائيندا آهن ته جيئن مسافر انهن هوٽلن تان ماني، چانهه، بوتلون يا پيو ڪجهه کائين پيئن ۽ ڪين (بس جي ڊرائيور کي) مفت ۾ ڪڙهائي وغيره ملي وڃي!!! اِهي هوٽلن وارا ۽ ڊرائيور هڪٻئي سان ڳٽ جوڙ ۾ هوندا آهن، ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت مهانگي ماني ۽ پاڻيءَ واري چانهه آهي، جڏهن ته شهر جي هوٽلن ۽ انهن بس اسٽاپن واري هوٽلن ۾ پندرنهن روپين ۽ پنجيتاليهه روپين جو چٽو واضح فرق آهي.

حقيقت ۾ ڪنهن به مسافر کي اهڙن هوٽلن تان ڪجهه به نه کائڻ گهرجي، جيڪي پنهي هٿن سان مجبور مسافرن کي مڏي ڪاتيءَ سان کُهي رهيا آهن!!!

سڄ اُبرڻ کان اڳ (جناح پوسٽ گريجوئيٽ هاسپيٽل) ٽيڪسيءَ ذريعي پهتاسين، "ايمرجنسي پرچي" ڪٽائي ڊاڪٽر منظور سان ملياسين، جنهن تيرهين وارڊ جي بيڊ نمبر نوَ تي اچي ايڻ سُمهاريو، جيئن ڪو صدين کان (جنم جنم کان) بيمار هجان......

پاڻ واري وارڊ نمبر تيرهن ۾ ٻارهن بسترا لڳل هئا، جنهن ۾ تي معصوم ڇوڪرڙيون، ڏهن، ٻارنهن ۽ چوڏهن سالن جون صفيه، نگينه ۽ ڳڙيا کان علاوه ڇهين نمبر بيڊ تي ٽيهه ساله محمد ناصر، ستين نمبر بيڊ تي ٻارهن ساله ٻالڪ شاهد، اٺين نمبر بيڊ تي عليم بيگ، نائين نمبر بيڊ تي مون کي رکيو ويو، ڏهين نمبر بيڊ تي شهر جو شبير کنير (سپاهي غلام شبير کنير عمر ستٽيهه سال) ۽ ٻارهين بيڊ تي چوڏهن ساله پٺاڻ ٻالڪ داخل هئاسين.

اسپتال جو هيءَ وارڊ (ڪشادو ڪمرو) اسان ڪجهه مريضن لاءِ هر آسائش ميسر ڪري رهيو هو. صبح جو ستين ڏارا ناشتو (ناشتي ۾ ٻه آنا بوائل ٽيل، ٻه ڊبل روٽيون ۽ هڪ مکڻ جو ننڍڙو پيڪ) اٺين ڏارا ڊيٽول ۽ ٻين سرڪاري مصالحن سان وارڊ جي صفائي، نائين ڏارا بسترن جون چادرون صاف ڪرڻ (مَٽڻ)، ٻارهين ـ ساڍي ٻارهين ڏارا منجهند جي ماني (ڪڏهن ڪڪڙ جي ڀاڄي ته ڪڏهن گوشت جو ڪيمو)

روزاني چار ڊگريون ۽ ٻہ ڪيلا، شام جو سادي ٻنجين، ڇهين ڏارا رات جي ماني (گوشت ۽ سبزي وغيره) ۽ رات جو وري ڪمري جي مختصر صفائي ۽ ها! صبح جو ۽ شام جو چانهہ الڳ، پر! رڳو ٿنو پاڻي....

اٺ، اٺ نرسون ۽ چار چار ڊاڪٽر ڦيري تي بيٺل!!

مريضن جو هڪ ٻئي ۾ ساهہ، جيئن ڪو اڳ کان ئي هڪ ٻئي کي سڃاڻيندا هجون يا هڪٻئي کان ڪڏهن بہ ڌار نہ هجي ٽيٺو!!

"دلدار" هڪ ڏينهن مسين رهيو، جو! ڊاڪٽر منظور صاحب پُراڻي نڪتل ايڪسري جو بهانو ٺاهي علاج نہ ٿئي شروع ڪيو، پوءِ تہ رات جو ئي دلدار کي ڳوٺ پڄايم تہ وارو ڪر ايڪسرو ڪٺي آ!!! ۽ جي جيءَ کي چئي تہ ڏهہ هزار ڪن ڏي، جو! آغا خان وارا رڳو ڪانگهارو چيڪ ڪرڻ جائي ڏهہ سئو پنجاهہ رپيا دلالن واري اوڳاڙي ڪري رهيا آهن......!!!

"دلدار" ويو ۽ ٻئي ڏينهن تي پُراڻو ايڪسري ۽ جي جيءَ کان ڏهہ هزار وٺي صبح جو سوير ئي سوير اچي اسپتال نڪتو....

"جي جي"....

جيڪا رشتي ۾ بابي "مزن" جي پيون نمبر وڏي ڀيڻ آهي، هوءَ مون کي ڪڏهن ياءَ جي نظر سان ڏسندي آهي، تہ ڪڏهن پٽ جي نظر سان نهاريندي آهي.....

جي جِي نازل (نازي) ياءَ جي نظر سان اِن ڪري ڏسندي آهي، جو! مان سندءِ ننڍي ۽ سڪيلڌي ياءَ مظهر علي (مزن) جو هوبهو هم شڪل آهيان.

اٿين، جيئن انڊين "ڊون" فلم ۾ اميتاڀ بچن! ۽ پٽ جي نظر سان ان ڪري نهاريندي آهي، جو! هن بابي "مزن" کي بہ پُٽ ڪري پاليو هو.

موجوده وقت سندءِ عمر سٺر سال ٿيندي، پر! مڙس (بابي بندهہ علي) جي وصال کان پوءِ هاڻي، مڪمل طور تي مايوس ٿي چڪي آهي، جو! جوانيءَ ۾ نہ ڪيس ڪوئي اولاد ٿيو ۽ نہ وري سندءِ ساهيڙي؟ (مڙس جي ٻي نوجوان زال)کي ئي ڪائي اولاد ٿي!!!

ٻئي جيجيون اَڪير منجهان سڀي اولاد جيان ئي هر فرمائش پوري

ٻنهي بينچن تي شهر جا معزز شهري ويٺل هوندا هئا. جت سڄو سڄو ڏينهن چانهه جو دور پيو هلندو هو.... ۽ ٽيهه سال اڳ ڪيئن نه پ پ پ جي پارٽي جوڙڻ دوران (ذوالفقار علي ڀٽي) ڪيس هٿ ڏيندي ووٽ گهريا هئا ۽ جيپ ۾ گڏ ويهاريو هو.....

زندگي ڪيئن نه تڪڙي گذرندي پئي وڃي!!!

ستاويهه سال اف! ڪيئن نه هڪ دم گذري ويا!!!

مون کي ياد آ. مون شادي نه پئي ڪئي، جو! جي جيءَ زوريءَ شادي ڪرائي ۽ سٺ ستر هزارن جو مون واري ونيءَ کي سون ۽ ڏاج وغيره ڏئي لانئون لهرايائين ۽ روز جي گهر جو خرچ ڏيڻ لڳي ته مان ڪاليج ۾ پڙهي رهيو آهيان.....

اسپتال ويندي وقت ڇوڙ لڳي پوئتي جو خيال نه ڪجانءِ! تون اسپتال داخل ٿي، پئسن جو به نه سوچجانءِ!! پئسه ڇا ٿيندا آهن!!!

ٽئين ڏينهن تي "دلدار" واپس ڳوٺ وريو ۽ ڏهين ڏينهن تي وري امڙ کي ڳوٺ موڪلي ڇڏيم، بس! آغو ئي اسپتال ۾ گڏ رهيو.....

اڄ پنجويهه نومبر جو ڏينهن هو، جو اسان کي آئي نائون ڏينهن گذري رهيو هو، امڙ، آغو، ادي ۽ مان "وارڊ نمبر تيرهن" جي بلڪل سامهون ڇپرن جي لان ۾ رلهي وڇايون ويٺا هئاسون، جو! اندران اوچتو ريهن جو آواز آيو......

هو جيڪو بيڊ نمبر ستين تي "شاهد" داخل هو، سو! معصوم (Death) ڪري ويو. هو حيدرآباد جو يتيم مهاجر هو، هو بلڪل ختم ٿي چڪو هو، سنڌ، هڏاون هڏ سنڌ، وجود جو ڍانچو پيش ڪري رهيا هئا. پر! هو اڃي ڊگهي ڏاڙهيءَ وارو مُلو هن معصوم جي علاج ڪرڻ ۾ ڪائي ڪسر پنهجن هٿن مان وڃائڻ نه پئي چاهي......!!!

هڪ (Expire) ٻار جنهن جي وات ۾ آڪسيجن ۽ نڪ ۾ زوريءَ ڪاڌي جي لڳل نڙي، مٿان وري ڊرپ مان ڊرپ!!! سچ ته مُلي تي ڪافي ڪرٽ ڪائي رهيو هوس!!! ان جو ڪارڻ هو معصوم هو، جنهن تي ڪابه دوا اثر ڪين ڪري رهي هئي ۽ هو مُلو وري دوائن جي پيڙ لائيون بيٺو هو!!!

اڙي مُلا!!!

تون اِن معصوم (Expire) ٻالڪ بجاءِ ڪجهہ جيئندڙ انسان جي جان بچائڻ جو جتن ڪر.....!!! تہ جيئن تنهنجو خدا توکي پنهنجن گناهن کان آزاد ڪري.....

ستاويهہ نومبر جي مانجهاندي ۾ سامهون واري بيڊ تي ترسيل "عليم بيگ" مڇي فرائي ڪرائي گهران گهرائي هئي خاص مون لاءِ ۽ هُن محمد ناصر وري اُٺيهہ نومبر تي مون لاءِ مُرغي فِرائي ڪرائي هئي، هي ٻئي دوست ڪراچيءَ جا مهاجر آهن.

اڄ ٽيهہ نومبر جي صبح جو هڪ سنڌي نوجوان، جنهن جي منهن تي ماتا هئي ۽ هو شڪل ۾ ڪنهن ڪارخانيدار جو نوڪر لڳي رهيو هو، جنهن هڪ وڏي ٿيلهي، جنهن ۾ ٻہ ڪلو گيهہ، سيون، ڪيپري صابڻ، ڪپڙن ڌوئڻ جا ٽي صابڻ، ڪٽڪ جو اٽو، چانور، چانهہ جو ڏٻو، کنڊ ۽ لوڻ وغيره شامل هو ڏيئي ويو، ان ئي ڏينهن ٻہ نوجوان عورتون سڄي وارڊ کي هزار ۽ پنج پنج سئو روپيا هٿن ۾ ڦهائي ويون!!!

اِهي ٻئي عورتون منهنجي بيڊ جي ويجهو اچي هڪ خوبصورت عورت پنجن سون جو نوٽ بيڊ تي رکندي چوڻ لڳي زڪوات کي پئسي هين لي لو.....!!!

زڪوات جا پئسہ آهن لي لو؟!

مان ويچارن جي واهہ ۾ ٻڏي ويس، بعد ۾ اُهي پئسہ آغوءَ بيڊ تان کنيا ۽ مان کين ويندو ڏسي تڪيندو ئي رهيس......

اڄ آغو پهرين ڊسمبر تي صدر مان نوشي، نادر ۽ ڪامريڊ لاءِ ڊريسون خريد ڪري آيو ۽ پوءِ شام جو ڇهين ڌارا ڳوٺ وڃڻ لاءِ مون کي اسپتال ۾ هيڪلو ڇڏي هليو ويو....

آغوءَ جي ڳوٺ وڃڻ تي سڄي رات سوچن ۾ گذري تہ انسان لاءِ سهارو ڪيڏو نہ ضروري ٿو ٿيڄي پوي!!! ۽ مان ٻہ سهاري جوڳو ئي ٿيڄي چڪو هوس.....!!! جڏهن تہ ان کان اڳ سهارن جو انڪاري هوس!!!

ٻہ ڊسمبر جي رات جو نائين ڌارا هڪ وڏي پيٽ وارو همراهہ هڪ نوجوان عورت ساڻ ڪري هڪ آڇي ڏاڙهيءَ واري پوڙهي جي هٿارون وارڊ ۾ اهو چئي هرهڪ کي ٻئي پنج سئو روپيا ڏنا تہ زڪوات جا آهن

لوگي!!! ۽ مون بہ پنج سئو وٺندي ڪيس هائوڪار ڪئي، جنهن تي "عليم بيگ" صاحب ناراض هو تہ مت لو يار زڪوات ڪي پئسي؟! ۽ خود بہ زڪوات ڪين ورتائين.....

زڪوات جا پئسا هڪڙا ماڻهو ڪِل خوشيء سان ڏيندا آهن، تہ پيا وري خدا جي ڊپَ کان!!! خدا جي ڊپ کان ڏنل زڪوات ڇا قابل قبول پوندي.......؟! (پنهنجو پاڻ کان پُڇڻ تو لڳان؟!)

۽ هو پوڙهو جيڪو صحيح طريقي سان هلڻ جيِ قابل بہ ڪين هو، ڪيس سهارو ڏئي وٺي آيا هئا، ڇا! سنڌء خدا جي پو کان ڏنل زڪوات وارا اهي پئسا قابل قبول ٿيندا؟!

زڪوات واري ان فلسفي ۽ هُن مَري ويل معصوم ٻالڪ (شاهد) تي تبصرو ڪندي (عليم بيگ) صاحب ڪي اردوء ۾ سمجهائيندو هليس تہ، مريض، مجبور ۽ مظلوم هوندو آهي!!!

اسين ڳوٺ ۾ يا پنهنجي علائقن ۾ جو ڪجهہ بہ آهيون، اهو الڳ فلسفو آهي، هن وقت هن وارڊ (هاسپيٽل) ۾ فقط مجبور ۽ مظلوم مريض ئي آهيون!!!

هونء بہ هي جيڪي (Tubber Clouses) جون دوائون (٢١ مهينن جو ڪورس) هلي ٿو، اهو توهان جي گورنمينٽ ٿورئي ڏي ٿي، هي دوائون تہ ڪراچي جو هڪ واپاري (حاجي ابراهيم ميمڻ) زڪوات سمجهي ڏيندو آهي جيڪو هڪ (State and cloth Commission Agent) آهي ۽ (C.H.K and J.P.M.C) جو "خادمِ انسايت" سوشل ورڪر آهي ۽ هي جيڪو ڪاڏو وغيره ڏين ٿا، اِهو سرڪاري نہ آهي!!! اسين جن بسترن تي ستا پيا آهيون، اِهي بہ شايد.......!!!

اگر اسين زڪوات جون دوائون کائي سگهون ٿا تہ ڪو بہ ذهني مجبور (خوش لباس انسان) ڪجهہ پئسا يا سامان وغيره پنهنجي رضا خوشي سان ڏيئي رهيو آهي، تہ وٺڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي....؟!

۽ ٻئي ڏينهن ٽي ڊسمبر جي رات جو ٻہ نوجوان عورتون (وارڊ نمبر تيرهن) ۾ اوچتو ئي اوچتو سادي ڏهين ڏارا داخل ٿيون، اُن وقت "عبرت ميگزين" جو مطالعو ڪري رهيو هوس، جو! اوچتو ئي اوچتو منهنجي مٿان بہ اچي بيٺيون....

هو ﭘٽي ڪاٽن ڀريل عورتون وارڊ مان ٻين مريضن کان ڊاڪٽرن جيان ٿي انٽرويو (پُڇاڻو) ڪرڻ لڳيون.

آپ ڪيسي هين؟!

ڪب سي داخل هين؟!

ڪيا هوا هي آپڪو؟!

اب ڪيسي طبيعت هي؟!

۽ پوءِ اوچتو منهنجي مٿان به اچي بيٺيون.

آپ ڪب سي داخل هين؟!

ڪيا هوا هي آپ ڪو؟!

جي پندرهن دنون سي داخل هين، مون سي بلڊ آيا ٿا. اب ڪڇهه طبيعت بهتر هي، ميري بيوي ڪو ڀي بيماري ٿي، اُس ڪي بعد جب ان ڪي (Death) هوگئي، تو مين بيمار پڙ گيا....

بچي هين آپ ڪي؟!

جي ها! سات سال ڪا بيٽا هي اور ايڪ پانچ سال ڪي ڇوٽي سي بيٽي هي....

آپ ڪيا ڪرتي ٿي؟!

جي مين ايڪ "رائيٽر" هون، بچون ڪي ليئي لڪتا هون. پوسٽ گريجوئيٽ هون.....

ڦِر نوڪري ڪيون نهين ڪِي؟!

جي گائون ۾ وڏيري ڪي چلتي هي اور شهر ۾ بيورو ڪريٽس ڪي، ڪون ديگا نوڪري؟!!!......

۽ هُن نوجوان عورت ونيءَ جي موت جو ٻُڌي ٻين مريضن کي پنج پنج سئو رپيا، ته مون کي پنج هزار روپيا ڏيندي چوڻ لڳي،

يي ڪڇهه روپئي هين، رک لو. زڪوات ڪي هين. آپ ڪي ڪام آئين گي.....!!!

حيرت ته مون کي تڏهن لڳي، جڏهن (عليم بيگ) صاحب انٽرويو ڏيندي انهن عورتن کان هڪ دم پنجن سون جو نوٽ وٺي گيدي ۾ رکي ڇڏيو.....!!!

پئسو هڪ اهڙي ته لعنت جو نالو آ. جو! هن ڪانسواءِ دنيا جو

حقيقت ۾ اين جي اوز وارن کي هٿ ٺوکيون ورڪشاپس ڪرائڻ بجاءِ اڏ مئل مريضن جون علاج ڪرائي سندن حياتي بچائي عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي؟!

پنج ڊسمبر جي صبح جو انجيڪشن لڳڻ کان پوءِ سچي ڊاڪ کي سچي هٿ سان مهٽي رهيو هوس، جو! اوچتو ٻه همراهه (هڪ ڪاري ڏاڙهيءَ وارو چاليهه سالا نوجوان ۽ ٻيو سٺ ساله ڪراڙو) وارڊ اندر داخل ٿيا، ٻين مريضن جيان هُن ڪراڙي مهاجر مون کان ٻه نانءُ پڇيو.

آپ ڪا نام ڪيا هي.....!

ارشاد.......

۽ پوءِ هزار جو ڪڙڪ نوٽ ڏيندي چوڻ لڳو، خدا آپ ڪو اچا ڪريگا.......

تقريبن اڏزوٽ ماڻهو، عورتون يا اچي ڏاڙهيءَ وارا ٿي تاجر يا اچي پوشاڪ وارا ٿي جو تا غريب مريضن جي عيادت ڪن. سار سنڀال ڪن؟! اِهو سوال ذهن جي ڪمپيوٽر تي ڪر ڪنيون بيٺو هو....

حالانڪي! اهڙي قسم جي عيادت پندرهن کان پنجويهن هزارن جي اندر پگهار کڻندڙ ڊاڪٽرن کي ٿي ڪرڻ گهرجي، جيڪي سرڪاري نوڪريءَ سان گڏوگڏ پرائيويٽ (ميڊيڪل ڪامپليڪس) هلائي رهيا آهن ۽ ٻن کان ٻارهن سَون تائين صرف طبيعت پڇائيءَ جا اوڳاڙي ڪري رهيا آهن، پوءِ هو اِهو ٻه ناهن سوچيندا ته فيس ڏيڻ وارو گهر جي ڳڻون ته ڪونه ڪپائي آيو آهي؟!

(هوئڻ ٻه مسيحائپ ۽ دلالپ ۾ واضع فرق هئڻ گهرجي.....؟!؟)

بيماريون مختلف قسمن جون ٿينديون آهن، مثلن ذاتي بيماري، سماجي بيماري، سياسي بيماري، انساني سوچ جي بيماري ۽ پئسي جي بيماري!!! انهن مڙني بيمارين کان وڏيڪ پئسي جي بيماري ڏاڍي خوفناڪ ۽ ايذائيندڙ بيماري ٿيندي آهي.....!

۽ جيڪڏهن!!! پئسن واري بيمار ماڻهوءَ (مسيحا) کي خود آڌن ۾ هٿ پوي، ته هو پنهنجي اولاد لاءِ ڪيترو نه ڪڙهندو.....؟!

هڪ اهڙي ٿي مسيحا (لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر وزير شيخ) وٽ جڏهن سيني جي بيماريءَ لاءِ ويس، پهريائين ته پنج ڪلاڪ اوسيڙو

ڪرٺو پيو. جڏهن نمبر اچي، تہ پوءِ همراھ گهرائيندو! ايڪيتاليهہ نمبر تي جڏهن پنجن ڪلاڪن کان پوءِ گهرايو ويو تہ همراہ پهريائين پُڇاڻو ڪيو. ڇا ڪندا آهيو؟ جي (Writer) شاعر، اديب ۽ صحافي آهيان.....

همراہ (مسيحا) هڪ وڏي بنگلي جي هڪ ڪشادي ڪمري ۾ بلي لڳو ويٺو هو. سنڌءِ ڪمري ۾ اي.سي هلي رهي هئي ۽ هو ٽيبل تي ميڊيڪل جا ڪتاب رکيون ايئن ويٺو هو، جيئن تہ جو ڪو تپيدار هُجي! سنڌءِ ٻنهي واڇن ۾ اچي ڪِف چنبڙيل هئي. شايد! واڇون پڪل هيس!!

بهرحال! سنڌءِ ڪِف وارو چهرو مبارڪ ڏسي مون کي تہ اِلرجي ٿيڻ لڳي هئي ۽ سيني جو سهڪو ويتر ويو وڌندو.....!!

خير! تڙ تڪڙ ۾ طبيعت ڏيکاري جڏهن سنڌءِ روم مان ٻاهر نڪتس، تہ ماٺهن جي ميڙ مان هڪ نوجوان پڳو آيو ۽ پوئيان ڪُلهن تي اچي فقيرن جيان هٿ رکيائين. يائو! ڊاڪٽر صاحب جي ادائي سٺو روپيا فيس!!

اڙي يار! ڊاڪٽر ڏانهن اندر "پريس ڪارڊ" موڪليو اٿر، ڪيس اِهو بہ ٻڌايو اٿر، تہ مان سنڌ جو (Writer) آهيان!! يائو ڪير بہ هجو، پر! اسين فيس ونندا آهيون.......!

ادائي سٺو روپيا فيس ڏيندي اندر تہ في الحال جيرن سوڌو جلي ويو. پر! پوءِ ٻئي پندرهن وار معائني ذريعي مسيحا صاحب کي سمجهائڻ لڳس تہ مان سنڌ جو رائيٽر آهيان ۽ توهان جي گم ٿيل ٻارن کي موٽائڻ لاءِ بہ اسين ئي ڪوششون ڪندا آهيون، تنهنڪري اسان جو قدر ڪري ٻوليءَ جي محافظن جو مفت ۾ علاج ڪندا ڪريو!!!

مسيحا جو مُنهن مبارڪ لهي ويو. منهن ۾ گهنج وجهندي پٽيوالي (سيڪريٽري) کي چوڻ لڳو. "صحافي صاحب" سان پنجاهہ روپين جي رعايت ڪري بہ سٺو فيس ونوس!!! ان ايتري سمجهائڻ کان پوءِ بہ......!!!

ادائي سٺو فيس في ماڻهو ۽ روزاني تقريبن سٺو مريضن جي نوٽل فيس پنجويهہ هزار روپيا روزاني؟! آخر پوءِ بہ هڪ (Writer) جو علاج

ڪٽ جي پيٽ ۾ لڳڻ، پوءِ تہ مٿو زورن سان ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو زوڪاٽ ڪرڻ لڳو. ڳالهائڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪيم. پر! زبان نڙيءَ ۾ ئي اٽڪجي پئي، اُن وقت ايئن محسوس ٿي رهيو هو، جيئن ڪو زبان وات اندر نڙيءَ ڪان ڏار ٿي نڙيءَ ۾ ئي اٽڪجي پئي هجي.... بس! فقط هڪڙوئي جملو چئي سگهيس،

(اسلم! ڪاڏي نہ وڃجانءِ!! اِتي ئي بيهجانءِ!!!) اِهو جملو ايئن ورجائڻ لڳس، جيئن اڌ رنگ واري بيماريءَ وارو ماڻهو ڳالهائيندو آهي.... پاڙي وارن جو چوڻ آهي تہ منهنجي ان جملي ڪان پوءِ اسلم ٽڪڙو ٽڪڙو گهر وٽي وڃي وڦلڻ لڳو. تہ اِرشاد ڪي انجيڪشن هڻي آيو آهيان ۽ سُئي هڻڻ ڪان پوءِ بيهوش ٿي ويو آهي، پوءِ تہ پاڙي وارا ونئي ڊوڙيا مون طرف......

اوڙي پاڙي ۾ وڏن جي عزت ۽ اعليٰ تعليم يافتہ. سوبہ هڪ سوشل ذهن رکڻ/ هڻڻ سبب/ حد ڪان وڌيڪ عزت ڪندا آهن ۽ مان ڪِين تمام گهڻو پيارو بہ پڻ آهيان.

پوءِ تہ پاڙي ۾ اِهو هُل هُلي ويو تہ مون کي سُئي لڳڻ ڪان پوءِ سڪرات ٿي آهي! امڙ تہ اُن وقت ننڍڙيون ڀائٽيون (نياٽيون) ميڙ ڪري پاڙي جي مسيت ۾ قرآن مٿي تي کڻي آزيون نيازيون ڪرڻ لڳي تہ،

او الله! منهنجي ٻچي کي بچاءِ.....!!

تيستائين پاڙي اوڙي جون سوين عورتون ۽ مرد مٿان اچي بيٺا. اُن وقت منهنجون ڀئي اکيون ٻنيل ئي رهيون. پوءِ بہ اکين جي ڀنبٽين کي پٽڻ لڳس ۽ مٿي ڪرڻ لڳس....

۽ ڪٽ تان اُٿيو اُٿيو پئي ويس، جو! ماسي حُسنہ ڪٽ تي چڱي نموني ليٽائڻ لڳي ۽ هڪ دم کڻي پاڻيءَ جا ڪجهہ قطرا وات ۾ وجهڻ لڳي ۽ وڏي آواز سان رڙيون ڪرڻ لڳي،

اَبا! ارشاد!!

جُوس پي .....!!!

ڪجهہ گهڙيون اڳ (Freezer) مان صوف جو جوس ڪيڊي پيئارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، اُن وقت جوس جي گلاس طرف نهارڻ لڳس تہ ذهن ۾ خيال آيو، هائي منهنجو وقت پورو ٿي چڪو آهي، تنهن

ڪري ڪنهن به ڪاڏي ڀيتي سان گڏ ڀاڻيءَ جي ڍڪ تي به منهنجو ڪوبه حق ڪين ٿو رهي. پر! عين اُن وقت ذهن کي قابوءَ ۾ ڪندي هڪ ٿي ساهيءَ ۾ جوس جو گلاس پي ويس....

اِهو سمورو لقاءُ لاشعور سان گڏوگڏ شعوري طور تي پڻ محسوس ڪري رهيو هوس. پر! ڪُجهه جي ڪابه حاجت نه پئي هلي. مٿان بيٺل عورتون توڙي مرد تعجب مان ڏسي روئي رهيا هئا. اُنهن سيني عورتن جون اکيون الائجي ڇو؟! ڪاريون نظر اچي رهيون هيون. جيئن ڪو سندن اکين ۾ ڪاري مِٽي. ڪارو ڪجل يا ڪارو سُرمو وغيره پيل هجي........

امڙ.........

مسيت مان مونِي آئي ۽ ريهون ڪندي "ياسين شريف" کڻي سيني تي رکيائين ۽ مٿان مُلا (ڀائو غلام مصطفيٰ) ڪلمن سان گڏوگڏ قرآن شريف جي ڪا آيت پڙهڻ لڳو. پر! الاءِ ڇو؟! سندس ڪلما ۽ آيتون بي اثر محسوس ٿي رهيون هيون......!!! دل پئي چيو، ملا کي چئي ڏيان ته قرآن دل سان ڇو نه ٿو پڙهين؟!

ته پوءِ هي جيڪي مسجدن ۾ مُلا قرآن جو ختمو ياد پڙهندا آهن، ته ڇا اُهي به دل سان پڙهندا هوندا يا بي دليو پڙهندا آهين؟! هو ايترو ته تڪڙ ۾ پڙهندا آهن. جو! دل ۽ ذهن کي سمجهه ۾ ئي نه ايندو آهي!! سمجهه ۾ ته ڪين به ڪين ايندو هوندو. جو! اڻ پڙهيل مُلي کي عربي ته پڙهڻ ۾ اچي ٿي. پر! هو (اڪثر اڻ پڙهيا ملا) سنڌي ترجمو ڄاڻيندا ئي ناهن.....!!!

بهرحال! اُن وقت ئي الاءِ جي ڪيئن لاشعوري طور تي منهنجي زبان حرڪت ۾ اچي ويئي. جو! امڙ کي چوڻ لڳس. وارو ڪر قرآن کڻي اچ......!!!

امڙ ويئي اندران ڪمري مان سيف مٿان رکيل قرآن کڻي آئي ۽ اچي سيني تي رکيائين. ان کان اڳ امڙ جڏهن منهنجي پير ۾ ويٺي هئي. اُن وقت لاشعور مان ڪو آواز ڏيئي رهيو هو.

ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي ڪيس ٿَڃ بخشرائڻ لاءِ چئه!!! اُن وقت امڙ جي پيرن کي پري ڪرڻ لڳس ۽ شعوري طور تي ذهن جو ذهن سان

ڊاڪٽر ڏي، جنهن توکي اها انجيڪشن لڳي ڏني آهي، ته پيو ملائڪ وري چٽي رهيو هو. نه نه! نه وڃجانءِ، ويندين ته ڪار ۾ ئي (چنه موچي ٻل ڳوٺ) ڪان اڏ پنڌ تي ئي ساهه ڪيئي ڇڏيندوسانءِ، سو! وڃڻ مان ڪو فائدو؟!!!

سئوٽ فدا حسين مٿان ڪار ڪاهيون پريشان بيٺو هو. سئوٽ تڪليف آهي ته پوءِ هلون! ڪيس تڪيندي چوڻ لڳس، نه نه! هاڻي هلڻ جي ڪابه ضرورت ئي ڪونهي!!

۽ پوءِ هُن پنهي ماڻهن (ملائڪن) سان گڏ گڏ (پير علي اصحابي) واري مُقام طرف وڃڻ لڳس، جتي هُن پنهي مون کي ڪوٺيل هڪ ساڍا ڇهه فوٽ ڪشادي قبر ڏيکاري، جيڪا ايئر ڪنڊيشن جيان بلڪل ٿڌي هئي........

هڪڙو ملائڪ چوڻ لڳو قبر ڪُشادي اٿئي، ليٽي پئه اِن ۾! شاعري ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهين، هاڻي ڪجهه آرام ڪر!! ته پيو ملائڪ چوڻ لڳو، آرام ته ڪندين، پر! پهريائين مرڻو پوندئي!! ساهه ڏيڻو پوندئي!!!

نه نه.......

مان ايترو جلدي مرڻ نه ٿو چاهيان.......

مولا! هُن معصوم ٻالڪن (يتيمن) جو ته خيال ڪر، جن جي ماءُ ته تو اڳ ئي پاڻ ڏانهن گهرائي ورتي آهي!! ڇا! ڪين پيءُ جي احساس کان به محروم ڪرڻ ٿو چاهين؟!

هُو پئي ملائڪ بابي ڪراڙي (مستري رسول بخش قلپوٽو) ۽ پاڻ واري وني (اربيلي) جو ڏٺو ڏيئي قبرستان طرف وني آيا هئا ته، هل توکي سڏين پيا......

ايتري ۾ هڪ سفيد پوش بزرگ اسان مٿان اچي بيٺو ته هن کي ايترو جلدي ڇو وٺي آيا آهيو هيڏانهن! هڪڙو ملائڪ سفيد پني واري ڪين لسٽ ڏيکارڻ لڳو ته سائين! هن جو وقت پورو ٿي چُڪو آهي!! سفيد پوش بزرگ ڪين چوڻ لڳو، اڙي بابا هن جو وقت پنجاهه سالن کان پوءِ جو آهي، هن کي وٺي وڃو. ڏسو نه پيا هن جي مٿي تي "غازي عباس" جو هٿ آهي، جنهن کي رنج ڪرڻ اسان جي وس ۾ نه آهي!!!

مون اُن سفيد پوش بزرگ کي سڃاڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، مون کي هو "پير علي اصحابو" ٿي محسوس ٿي رهيو هوم........

هو ڀئي ملائڪ مون کي ڪبي ۽ سڃي ڪُلهي تي ويٺل ڀلائيون ۽ بُرائيون لکندڙ محسوس ٿيا. مون ڪين سُڃاڻي ورتو هو.......

بُرائي لکندڙ ملائڪ پوءِ بہ چالاڪ واپار ڪندڙ جيان حياتيءَ جون لالچون ڏيڻ لڳو.

(جيڪڏهن لکڻ بند ڪرين تہ پوءِ حياتي ملي سگهي ٿي!!! هاڻي تنهنجي هٿ ۾ آهي، تون جي چاهين تہ مري سگهين ٿو ۽ جي تون چاهين تہ نہ ٿو مري سگهين.....!!!)

نہ نہ ........

مان مرڻ نہ ٿو چاهيان .....

مان لکڻ بند ڪندس...

۽ پوءِ پنج ست منٽ اقبال جي اسٽائل جيان ڪٽ تي ويهي سوچڻ ۾ گم سُم ٿي ويس، پوءِ تہ اچي پاڙي وارا پريشان ٿيا ۽ گهر وارن جو تہ جڻ دم نڪري رهيو هو!!!

اُن وقت ساهہ جڻ تہ نڙيءَ ۾ انڪجي پيو هوم، جو! جي جي ڪي غور سان تڪيندي مُٺ ڏيکاريندي چوڻ لڳس،

منهنجو موت منهنجي مُٺ ۾ آهي!

مان چاهيان تہ مري سگهان ٿو!

مان چاهيان تہ نہ ٿو مري سگهان!

جي جي مڪمل مايوس ٿي مُنهن ڦيرڻ لڳي، پوءِ تہ پاڙي وارن کي پڪ ٿي ويئي تہ اڄ منهنجو آخري ڏينهن آهي ۽ اڄ مون کي سڪرات آهي....

پوءِ اهو ڇئي ڪجهہ گهڙين لاءِ بيهوش ٿي ويس تہ وارو ڪيو، ڊاڪٽر غفار کي وٺي اچو! وارو ڪيو ڊاڪٽر مولابخش جوڻيجي کي وٺي اچو يا ڊاڪٽر برڪت مشوري کي ٿي ڪٿي ڏسو!!!

جڏهن هوش آيو، تہ مٿان ڊاڪٽر مولابخش جوڻيجو جو ڪمپائونڊر (نواب مسڻ) بيٺو هو. جڏهن تہ ڊاڪٽر کي پاڻ کي دنيا جو هر ڪم ڇڏي ڪري بہ منهنجي حياتي بچائڻي هئي، ڇو جو! ادب جي دنيا ۾ ڪيترن ئي هندن تي ڪيس مون ئي متعارف ڪرايو آهي؟!

مريض ڪائي شيء ڪائي، پوءِ تہ هڪبئي کي ڏئي پوءِ ئي ڪائون پيئون، جنهن جو مثال هوءِ سنهڙي، ڏکهي ۽ پورڙي پناڻ ڇوڪري آهي. جنهن پنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪاڏي پيتي جو سامان رات جو سادي نائين ڏارا استپال جي پوئين علائقي مان خريد ڪرڻ ويئي تہ هڪ پنائن جي چپس جو پاڪيٽ مون لاءِ بہ وٺي آئي ۽ اچي ڏنائين. پوءِ (ماستر رجب) کي سڏيندي چيم، سائين!وارو ڪيو ڪائو!! ڪنهن جي احساسن جو پرم بہ تہ رکتو آهي نہ......!!!

نوَ ڊسمبر جي رات جو ائين ڏارا امان کي بيبيءِ لاءِ پنج سئو رپيا عيد جي خرچي ڏيئي ان لاءِ واپس گهر موڪليم. جو! امان اسپتال ۾ هر وقت مون لاءِ ئي سوچي رهي هئي!! پوءِ تہ (ماستر رجب ڪنير) کي چيم سائين! امڙ کي ڳوٺ واري بس ۾ ويهاري اچو!!! امڙ کي بس جو ڪرايو ڏيئي ڳوٺ موڪليم تہ مان هتڙي بلڪل ٺيڪ آهيان ۽ ڳوٺ وارن کي بہ اِهائي دلجاءِ ڏجو......

اڄ ڏهہ ڊسمبر جو ڏينهن آهي، جو ڪالهاڪون رات ڪان وٺي ڪک ۾ اهڙو تہ سور اچي پيو آهيم جو! ور وڪڙ ڪائيون بيڊ تي ليٽيو پيو هوس، وقت تقريبن سادا ٻارهن ٿي رهيا هئا. جو! (پنهل ساريو) (ڳوٺائي) جي (سنڌ نيشنل ڪائونسل پارٽي) تي سنجيدگيءِ سان سوچي رهيو هوس، تہ ڪاش! طبيعت ٺيڪ هجي هان، تہ يقين انسانن جي هن ملهائجندڙ عالمي ڏينهن تي پروگرام ۾ شامل ٿيان ها....

هونئن تہ سنڌ سان گڏ سموري دنيا ۾ انسانيت ۽ ماڻهپي جي تذليل ٿي رهي آهي، پر! وڏي تذليل تہ هت ٺوڪيا مسيحا (ڊاڪٽر) ڪري رهيا آهن!!!

جو! ٻاروتڻ جو همہ ڪلاسي "اعجاز منگي" اوچتو بيڊ جي پرسان، مٿان اچي بيٺو. (Clean Shave) "اعجاز منگي" جي اچڻ سان منهنجي پيٽ جا ور وڪڙ پتو ناهي تہ ڪيئن هڪدم ختم ٿي ويا، جو! مان اُٿي بيڊ تي ويهي رهيس. اعجاز جي اچڻ ۽ ٻاکر پري ملڻ تي جڻ تہ مون انسانيت جو عالمي ڏينهن ملهائي ورتو.........!

"اعجاز منگي"

پرائمريءَ کان ئي گڏ پڙهيو آهي، منهنجي ٻاروتڻ ۾ سنگت بہ

خاص اعجاز سان ئي هوندي هئي، اعجاز منهنجو نہ صرف هم ذهن دوست آهي، پر! مون هن کي "لياقت" ۽ "دلدار" جيان ئي سمجهيو آهي ۽ سمجهندو رهندس، جنهن جو ذڪر ٻالڪ ناول "رولو" ۾ پڻ ڪري چڪو آهيان.

"ناول رولو" جي ارپنا اعجاز جي ئي نالي ڪريان ها، پر! مان مجبور هوس، ڇو جو! ڪتاب تي ڀهريون حق اعجاز ۽ مون کي پرائمري پنج درجا پڙهائيندڙ استاد "عزيزالله ٻگهيو" جو ئي هيو.......

ڪلاڪ سوا ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اعجاز مون کان موڪلائي ويو تہ سوچن اچي ذهن کي سهيڙيو، ڪالهہ اعجاز ڳوٺان تي آيو هو، هو عيد تي ڳوٺ ويو هو، جت عيد ملڻ جڏهن منهنجو ڀُڃائو ڪيائين، تہ ڪيس پتو پيو، مان جناح هاسپيٽل جي (Chest Ward) ۾ (Admit) آهيان ۽ هو صبح تي ملڻ آيو هو......

"اعجاز منگي"......

جنهن جو نالو "الهورايو" پڻ آهي، پر پوءِ بہ گهر وارا توڙي اسڪولي دوست ڪيس "اعجاز" "اعجاز" ڪري ڪوٺيندا آهن. اعجاز اڳين گذريل عيد تي بہ مون سان ملڻ منهنجي گهر آيو هو، اُن وقت منهنجي حالت بلڪل ٺيڪ ٺاڪ ٿي.

مان سوچيندو آهيان، منهنجي هيتري ساري سنگت ۽ اسڪولي دوست آهن، پوءِ بہ سواءِ اعجاز جي ٻئي ڪنهن بہ سنگتيءَ سار ئي ڪين لڌي آهي؟! ها! البتہ!! ذوالفقار سنڌي، ماستر سڪندر ميراڻي، دانش ابڙو، ارشاد ڀُٽ، سڄڻ سنڌي، ذوالفقار گاڏهي، بحد ڀوٽراڻي، عاجز عاشق تنيو ۽ وفا صالح راڄپر پڻ خاص طبيعت پُڇڻ آيا هئا!!!

زندگي المين سان ڀري پئي آهي، هر انسان سان ڪونہ ڪو الميو (Play ۽ Re-play) تي رهيو آهي ۽ دنيا ۾ موت ئي تہ هڪ اهڙي بيماريءَ جو نالو آهي، جنهن جو علاج ڪنهن بہ مسيحا جي وس ڪينهي!!!

هونئن بہ انسان ڄائو بہ قيد ۾ آهي، تہ! هو مرندو بہ حياتيءَ جو قيد ڪاٽي!! تاريخ اُن (Chapter) جو نالو آهي، جنهن ۾ هر نئين ايندڙ سمي ڪردار مٽجندا رهندا آهن، جن وٽ موت ايندي تہ زندگي مري ويندي ۽ جي! زندگي هوندي تہ موت مٿل ئي هوندي!!

ڪنهن غم ۾ ٿي پنهنجو شهر ڇڏيندو آهي، تہ پوءِ ڪيس شهر جو تقريبن هڪ هڪ ماڻهو ياد اچڻ لڳندو آهي، جڏهن تہ ان کان اڳ نوجوانيءَ واري موسم ۾ بيروزگاري ۽ بدحاليءَ سبب شهر جون گهٽيون ڪاٽڻ لاءِ ڊوڙنديون آهن......

مون سان بہ ايئن ٿي ٿي چُڪو آهي، جو! پنهنجو شهر ڪجهہ وقت اڳ ڇڏي ٽنڊو ڄام وڃي هڪ پرائيويٽ هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪري وسايو هوم، پر! اڄ وري ذهن ۽ دل جي حالت ان جي ابتڙ آهي، جو! شهر جي هڪ هڪ گهٽيءَ هڪ هڪ ماڻهو ڳنڀيرتا سان ياد اچي رهيو هوم......

اڄ تہ اسٽيشن وارو ناڪو، ميلي وارو منظر، اسٽيشن، پير تقي شاهہ، موري، پُل، پوسٽ آفيس، پهلوان سومري جو هوٽل، پڙي، گودڙا گلي، نئون شهر، پراڻو شهر، غازي چئونڪ، درگاه شريف، اسڪولي دوست، ڪامريڊ علي رضا سهتو، ڪامريڊ عزيز بروهي، پيچو فقير، بحر پوٿرائي، حميد ناز سومرو، ڊاڪٽر واحد بخش سولنگي، واحد ڪانڌڙو، ديدار شاد گوپانگ، دليپ ڪمار، خالد خاموش نوناري، ضمير درگاهي، علي آزاد، وفا صالح راڄپر، آڪاش عاجز لاشاري ۽ ٻيا ڪيترائي دوست ياد اچي رهيا هيم، ايتري قدر جو هوٽلن جا بيرا ۽ بسن جا ڪلينر پڻ ياد اچي رهيا هيم ۽ ها! هو وارن ناهڻ وارو حجم نياز منگي پڻ ياد اچڻ لڳو هو، جنهن جي ڪينچيءَ جي قيمت تہ ست اٺ روپيا آهي پر هو وارن ناهڻ جا ٽيهہ، چاليهہ ۽ پنجاهہ روپيا وٺندو آهي!!!؟!!!

ڪجهہ وقت اڳ مون هڪ نثري ٽڪرو لکيو هو، "منهنجو گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رلڻ ڪنهن بہ مشاهدي کان گهٽ عمل ڪين آهي، تون هڪڙي گهٽي رلي تہ ڏس؟!"

"ها! اڄ مون کي منهنجو (غازي چئونڪ) وارو دڪان شدت سان ياد اچي رهيو آهيم، جنهن جي ٿورن سان (وارڊ نمبر تيرهن) ۾ داخل ٿيس، غازي چئونڪ وارو اهو سائيڪلن وارو دڪان ئي منهنجي ادب جو آکيرو هو، (ٻالڪ دوست پبليڪيشن) ۽ (سنڌ رائيٽر) جي آفيس هو........

دڪان سان گڏوگڏ هو تمام سادڙو ۽ رحم جوڳو پلوڙ دوست (غلام محمد جوڻيجو) پڻ دل جي اٿاهه گهرائين سان ياد اچي رهيو آهيم! غلام محمد جوڻيجو جنهن کي پيار مان "غلام" ڪري ڪوٺيندو آهيان، جڏهن ته غلام مون کان عمر ۾ ڪافي سال وڏو آهي، سندس عمر ستيتاليهه سالن جي لڳ ڀڳ هوندي....

"غلام محمد جوڻيجو"

پهريائين ڊڪاٽڪو ڪم ڪندو هو، سنڌ والد صاحب ۽ به پائر گاڏن ۽ ٽانگن جو (Hylevel) جو ڪم ڪندا هيا، جتي هي به اهوئي ڪم ڪندو رهيو، بعد ۾ درزڪ و ڪم ڪرڻ لڳو، جنهن جو پڻ (V.I.P) ڪاريگر ٿي رهيو، بعد ۾ (اڄ ڪلهه) ريڊين ۽ ٽيپن جو ڪم ڪرڻ لڳو آهي.......!

١٩٩٩ع دوران غلام ڏاڍو پريشان هيو، انهن ڏينهن ۾ مون وٽ صبح کان ويندي رات تائين وقت گذارڻ لڳو، جڏهن مان ڪو ڪتاب وغيره ڇپرائڻ لاءِ حيدرآباد ويندو هوس، ته دڪان (آفيس) جون چابيون هن جي ئي حوالي هونديون هيون. غلام محمد مون سان به ڪافي ٺاهيو، هڪ پلوڙ دوست (سڄڻ) جيان ايتري قدر جو منهنجي موجود هوندي به دڪان جي ٻهاري ڪندو هو ۽ منهنجن ادبي دوستن لاءِ هوٽل تان چانهه وغيره ڇٽي ايندو هو.....

انهن ڏينهن جي ئي ڳالهه آهي، جو! هڪ ڏينهن پنهنجي پيار جو قصو ڪٿي ڇيڙي وڌائين.... نوشاد؟! مون به يار هُن سان پيار ڪيو هو.....!

ڇا! غلام!! تون ۽ پيار!!!

ڇو؟ مان انسان نه آهيان.......!

مان پيار نه تو ڪري سگهان!

نه نه، تون انسان آهين.....

تون پيار ڪري سگهين پيو....

۽ غلام پنهنجي شوخ جوانيءَ جون ڪجهه تصويرون ۽ "هُن" جا هٿ اکر لکيل خط ڪڍي آيو، سنڌءِ خط ۽ تصويرن جي پڙتال ڪرڻ لڳس، ته پيار ڪنهن به روپ ۾ ۽ ڪنهن سان به، ڪٿي به ٿي سگهي ٿو....

جنهن ملڪ پيڪ جو پاڪيٽ ۽ ييلوليبل ڪڙڪ چانهه وارڊ ۾ لڳل گئس تي تيار ڪئي بعد ۾ سئوٽ خادم، آغوءَ ڪي پاڻ ساڻ گڏ وٺي ويو.

آخر ۾ سئوٽ خادم حسين سياست جون ڪجهه اهم ڳالهيون ڪيون، ته ڪيئن نه باڊهه شهر ۾ سئوٽ عاشق علي جي سياسي سپورٽ ڪري (پ پ پ) جو مان مٿانهون ڪيو هو! پر!! سئوٽ عاشق علي ڪيس نه سمجهي سگهيو......؟!

ان ڪان اڳ ڊاڪٽر منظور (Pathocin) جا (Medical Rapes) جا ڏهه سنگل پاڪيٽ يعني ويهه (Tablets) ڏنيون، جيڪي ڇهه سئو روپين جون هيون، مون ٽيبليٽ وٺندي ڊاڪٽر صاحب کي (مهربانيون) چيم، تنهن تي ڊاڪٽر صاحب چيو، مهربانيون منهنجون نه، پر! ميڊيڪل ريپس وارن جون آهن.......!!!

ڪجهه ڏينهن اڳ اڌ رات جو هڪ هلڪي ٻُت ۽ قد واري سيڪڙاٽ ڊاڪٽريائي شبير کي ڏسڻ آئي، جنهن ٻيس پوڳ ڪندي چيو ماني نه ڪائيندا آهيو ڇا؟!

اڙي بابا! ماني ڪائو، مفت جي آهي!!

(مون ڪيس چيو اسين مريض آهيون، سياسي ليڊر ڪين آهيون، جو! سرڪاري مانيءَ کي مفت جي سمجهي ڪائون!!)

ڳالهه مانيءَ واري سان وڏو مزو ٿيو، هو اسان لاءِ بنان لوڻ ۽ مرچن جي ڦڪي ڀاڄي ڏهن ڏينهن ڪان ڪٽي ايندو رهيو آهي، اڄ ڪيس اهڙي ته ڇڙٻ ڏنم، جو! هُو وچارا هيسجي ويا ۽ سُٺي ڀاڄي، سوائي مانيءَ ۽ فروٽ ڏيڻ لڳا.......

مون ڪين فقط اِهوئي چيو ته، مان (Writer) آهيان، نون ڪتابن ۽ رسالن جو ليکڪ آهيان، جيڪڏهن بک هڙتال تي ويٺس، ته توهان جي نوڪريءَ جو مسئلو ٿي ويندو، پيو ته توهين پتو ناهي ته ڪرسچن وغيره آهيو الائي جي ڇا؟! ۽ توهان جي هٿن هاٿي اسين مسلمان ماني ڪائي رهيا آهيون!!!

بک هڙتال.........

ليکڪ ..........

اوهين اردو ۾ ڇو نہ پيا لکو؟!

اِن لاءِ جو منهنجي زبان مون کي وڏيک عزيز آهيم!

پوءِ اردوءِ ۾ ترجمو ڪريو؟!

ها! ايئن ٿي سگهي پيو.....

رات جو ڏهين ڏارا "ڪنيز" (Night Dutty) دوران پنهنجي ڊائريءَ جو لکيل چئن پيجن جو ورق ڪٽي آئي، جنهن جو عنوان هو "اداس شامون"....

اداس شامن تي ڪافي ادبي ڪچهري ٿي، رات جو هڪ ٿي رهيو هو، جو! پنهنجي ادبي ڪچهري ان جملي تي ختم ڪرڻ جي اڳرائي ڪرڻ لڳس تہ، رائيٽر ماڻهن جي چهرن سان گڏوگڏ اکيون بہ پڙهڻ جو گر ڄاڻيندو آهي. ڪجهہ لمحا اڳ اهوئي جملو شبانہ سان بہ ڳالهايو هوم تہ انسان جو چهرو ۽ اکيون افسانہ ٻڌائينديون آهن......

ٽيويهہ ڊسمبر جي ٽيپهريءَ جو "گڙيا" (ڪامريڊ مظهر نوشاد) ۽ (نوشابہ نوشاد) لاءِ پاڻ جهڙي گڏي ڏيندي چوڻ لڳي، يي مظهر اور نوشابہ کي ليي هين........

ٿورڙي گهڙي گذري تہ هوا ۽ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو ۽ رات جو وري ڏيڍ ڏارا تيز طوفان ۽ برسات برسڻ شروع ٿي ويئي، جنهن سبب اسپتال جي ڇت مان بوندون ٽپڪڻ لڳيون، اُن سمي "نوشي" ۽ "ڪامريڊ" شدت سان دل جي آڻ ڇُهيل احساسن کي ڇُهڻ لڳا....

"ڪنيز"

(Night Dutty) دوران ايندي ئي ڊائري 2003ع پڙهڻ لاءِ .گهرڻ لڳي، جنهن ۾ جيون ڪٿا (وارڊ نمبر تيرهن) ۾ ستونجاهہ پيج جو پنو لکي رهيو هوس. چوويهہ ڊسمبر جي رات جا ٻارهن ٿي رهيا آهن، جو! ننڊ لاءِ ننڊ کي پنهنجو ڪرڻ جو جتن ڪرڻ لڳس، پر! افسوس جو، ننڊ ديوي بہ ڪنهن پريتما جيان رُئل رُئل پئي ياٺيم!!!

هوءَ سانوري رنگ ۽ وڏين اکين واري، ننڍي عمر واري "ريحانہ" پنجويهہ ڊسمبر جي صبح جو جيئن ئي وارڊ ۾ داخل ٿي، تيئن ئي مشڪي مون ڏانهن گهورڻ لڳي، جڏهن تہ پورو مهينو هوءَ مون کان ناراضگيءَ جو ناول ٿي رهي، ان جو ڪارڻ فقط سنڌي ۽ اردو ڳالهائڻ

ٿي هو....

هوءَ سنڌي ڇوڪري هئي، پر! اردو ڳالهائي ويتر پريشان ڪري رهي هئي، بس! هوءَ اردو ڳالهائيندي رهي ۽ مون پڻ سنڌي ڳالهائڻ جو ضد ڪيو. نيٺ آخر جيت منهنجي ٿي، جو! اڄ صبح اچڻ شرط ٿي سنڌي ڳالهائڻ شروع ڪيائين ۽ ايندي ئي چوڻ لڳي، اوهان جيڪي اديب آهيو نه، سي.... جيڪي نه ڊائلاگ ڳالهائيندا آهيو، آهي اصل ۾ بُرا لڳندا آهن!!!

ڇو بُرا لڳندا آهن؟!

پاڻ ڪڏهن به اوهان سان ڪوبه غلط لفظ اڄ ڏينهن تائين ناهي ڳالهايو...... پوءِ اوهان کي اسان اديبن جو رويو بُرو ڇو لڳندو آهي؟!

۽ هوءَ مسڪرائي ڇتڙ تي (Injection) لڳائي ڪجهه لمحن لاءِ اکين کان اوجهل ٿي ويئي.... سندءِ ان رويي سوچڻ تي مجبور ڪيو. شايد! ڪنيز ڪيس سمجهايو هجي، ته اديب ٿورڙا پاڳل هوندا آهن!!

رات جو اٺين ڏارا اکين جي وارڊ نمبر ٻارهن ۾ ماسي ڀوڙيءَ ڏانهن ڪهي ويس، جيڪا هيسيل ۽ ڪنبيل بيڊ نمبر چوٽيهين تي سُتي هيڏانهن هوڏانهن واٽڙن جيان نهاري رهي هئي. مون کي ڏسندي ئي هن ۾ ڄڻ ته ساهه پئجي ويو. ڪيس دلجاءِ ڏيندي چوڻ لڳس، ڪا ڳالهه ئي ناهي، اک جو آپريشن سٺائو ٿيندو آهي.......

ايئن ٿيندو آهي، جو! جنهن به مريض کي جيتري به دلجاءِ ڏبي آهي، هو اوتروئي پريشان ٿيندو آهي، ڇو جو! هُن کي ذهني طور تي اِهو احساس هوندو آهي ته جيڪو ڪجهه به ٿيندو، سو! هُن سان ئي ٿيندو، نه ڪي ڪنهن دلجاءِ ڏيندڙ سان!!!

(هونءَ به هنڌ اهو سڙندو آهي، جت باهه پڙڪندي آهي....)

رات سادي اٺين کان ٻارهين تائين "ڪنيز" سان ادبي ڪچهري ٿيندي رهي، هوءَ مون کان منهنجي وني‌ءَ متعلق ئي پُڇاڻو ڪرڻ لڳي ته اوهان ڪيس ڪهڙي نظريي سان نهاريو هو يا منهنجو رويو هُن سان ڪيئن رهيو يا موجوده وقت هوءَ ڪيترو ياد اچي رهي آهيم؟!

"اربيلي" مون کي منهنجن اڇوتن احساسن جيان ئي عزيز هيم، هوءَ منهنجي وني هئي، بحيثيت مڙس جي مون هُن جي هر مظهر جو

پورائو ڪيو، سنڌ احساسن جي ڪَٽ ڪٽي، جيڪڏهن! سنڌ جي ڪنهن بہ شهر ۾ يا ڪنهن بہ مشاعري وغيره ۾ اتفاقن رات رهڻي پوندي هئي، تہ ان سمي منهنجي دل ۽ ذهن هن جي ارگرد پيو ڦيرا پائيندو هو، بس! فقط وجود ئي اُت ويڙل محسوس ٿيندو هو.......

مان هڪ شاعر آهيان، منهنجو ذهني تخيل فقط "حُسن" ئي آهيم، مون کي هر روز ۽ هر سمي هڪ اڇوتو ۽ نئون پيار گهرجي..... اهو پيار هڪ وجود بہ ڏيئي سگهي ٿو، پر! شرط اِهو آهي تہ اهو پيار اَڻ ڇُهيل هُجي!!!

اِها الڳ ڳالهہ آ تہ هڪ عورت، مرد (مُڙس) کي ئي پنهنجو هر حال ۾ سڀ ڪجهہ سمجهندي آهي، پر اَن جي اُبتڙ مرد ڪنهن بہ صورت ۾ زال کي محبوب سمجهڻ جي غلطي نہ ٿو ڪري سگهي!!!

عورت هر فڪر ۾ (Compromize) ڪرڻ لاءِ ذهني توڙي غير ذهني طور تي هڪ دم تيار هوندي آهي، پر! مرد نفسياتي مونجهارن جو شڪار هوندو آهي.......

مان پيار جو هڪ اهڙو تہ پادري آهيان، جو! حُسن جي جنون ۾ پنهنجا جيرا بہ جلائي ويهندو آهيان، پر! جسم کي ڪابہ سُڌ ناهي سجهندي!!!

اوهين يقين ڪريو، هڪ ڏينهن "اربيلي" مون کان اِهو بہ سوال ڪري ورتو تہ مون سان ڪيتري محبت اٿئي؟! مون کيس ڪليل لفظن ۾ ريجهايو تہ، بحيثيت مڙس جي مان دنيا جي سيني مڙسن کان وڌيڪ توکي محبت ڏيئي رهيو آهيان، پر! هڪ محبوب جي (هڪ عاشق جي) حيثيت ۾ افسوس جو مان توکي ڪابہ محبت نہ ٿو ڏئي سگهان!! اها محبت هڪ اهڙي تہ بادامي ڇوڪريءَ لاءِ سانديجي رهي اٿم، جنهن ۾ مون کي فقط الله ئي نظر اچيس!!! ۽ مان هُن کي سجدو ڪري وٺان.......

ها! زندگيءَ جي آخري لمحن ۾ مان هُن کي وقت نہ ڏيئي سگهيس!! اِها منهنجي هڪ اهڙي تہ خطا هئي، جيڪا پهرين ۽ آخري ٿي ليکي وڃي، تہ ان ۾ ذري جو بہ وڌاءُ ڪين ڇٽبو!!!

هونئن بہ (جيڪڏهن! ڪنهن سان بہ دشمني ڪرڻي هُجي تہ اوهين اُن فرد سان وڙهو نہ ۽ ڪابہ گارگند نہ ڪريو، بس! فقط هُن کي وقت

هوم، تہ تنهنجي اولاد جو درد مون کان وڏيڪ ڀيو ڪنهن کي ٿي سگهي ٿو!؟!

رات جو ٻارهين ڌارا ڊاڪٽر منظور اَن سمي وارڊ منجهہ داخل ٿيو، جنهن سمي ڪنيز ۽ منهنجو ادبي بحث شروع هو. ڊاڪٽر مون طرف سواليہ نظرن سان نهاريندي چيو،

ڪچهري پئي ٿئي ڇا؟!

جي! ادبي ڪچهري پئي هلي......!!

تہ ڊاڪٽر صاحب نرس اٽينڊنس (شفيق پنجابي) ڏانهن اشارو ڪندي (ڪنيز) کي چوڻ لڳو، تہ پوءِ هن سان ڪچهري ڪريو نہ!!!

۽ پوءِ ڪنيز ڏانهن نفسياتي نظرن سان نهارڻ لڳو، اَن سمي ڊاڪٽر صاحب جون نظرون مون کي جلڻ پئي جو رقص ڪندي محسوس ٿيون!!!

هن مقدس پيشي کي غليظ ڪرڻ ۾ ٻين ماڻهن ۽ اسپتالن جي عملي سان گڏوگڏ ڊاڪٽر صاحبان جو بہ، پڻ وڏو هٿ رهيو آهي!!!؟!!!

رات جا سوا ٻارهن ٿي رهيا آهن، جو! ڊائري لکندي "ڪنيز" پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريو!! پوءِ اَن سمي ئي ڊائري بند ڪندي راڊ کي وسائي ورتم ۽ ننڊ ڪرڻ جي اڳرائي ڪرڻ لڳس.....

ستاويهہ ڊسمبر جي ٿڌي رات جو ساڍي اٺين ڌارا ادي سان "جي جي" متعلق ويچاري رهيو هوس، جو! "ڪنيز" (منهنجو ڏس آسمان کان پڇو) ڪتاب متعلق پڇاڻو ڪرڻ لڳي، ڪنيز چوڻ لڳي، رات مون چوريءَ اوهان جي ڊائري ڪٽي پڙهي اٿم، اوهان جيڪو پنهنجي ونيءَ متعلق لکيو آهي، سو! يقين ڪريو اَن ڏاڍو متاثر ڪيو آهي، اڄ سڄو ڏينهن اوهان جي ونيءَ متعلق ئي سوچيندي رهيس.....

رات جو ڏهين ڌارا بوبڪ شهر جو هائوس جاب ڊاڪٽر "امجد ميمڻ" ڪنيز سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي منهنجي بيڊ مٿان اچي ويٺو ۽ ادبي ڪچهري ڪرڻ لڳو تہ هن ڪافي ادب پڙهيو آهي ۽ هن کي منهنجو ادبي قدر آهي، جو! هو منهنجا ادبي ڪتاب ڏسڻ لڳو......

جڏهن تہ ڳالهہ "شبير" ڪيس غير ادبي لفظن ۾ ان وقت ڊاهائي انداز ۾ ڳالهايو هو، جنهن وقت هن کي پيٽ ۾ وڪڙ پيا هئا!!

لاءِ منهنجا اڇوتا احساس آهن ته،

محبت جي هن مهيني ۾
تو بن
سرد هوائون به
ڏنگڻ لڳيون آهن!
سخت سيءَ ۾ اوڙهيل
سُفيد سوهڙ به
جسم ۾ سُيون ٽنبي رهي آهي!
”ڊسمبر مهينو“
۽ هيءَ بي حس برسات
تو بن
وياڪل وياڪل بڻائيءِ ڇڏيو آهي!
وقت.... گذريل وقت
وِهِ ياڻئين رهيو آهيان!
ڪاش!!!
تنهنجو قدر ڪندي
ٻيو نه ته توکي
ڊسمبر جون ڪجهه راتيون ئي
ارپن ڪري ڇڏيان ها....!!!

ايڪنيهه ڊسمبر جي ڏينهن ”ماستر صداقت سانگي“ پنهنجي ويهه ساله ڀائج ”صابر سانگي“ کي داخل ڪرايو، جڏهن ته ڪالهه ”ديدار ابڙو“ اسپتال ۾ بيڊ نمبر يارهن تي داخلا کان پوءِ ڪجهه ٽيسٽون ڪرائي واپس گهر (ڳوٺ) هليو ويو، جنهن سان گڏنياز ابڙو به پڻ ساڻ هو........

نئين سال جو اڄ پهريون ڏينهن آهي، جو ادي حضوران اربيليءَ جو ذڪر ڪندي چوڻ لڳي،

سيپٽمبر ٢٠٠١ع جي پهرين هفتي ۾ جڏهن (اوجها چيسٽ سينٽر) اسپتال ڪراچيءَ روزمره جو ڪجهه ضروري سامان ۽ ڪجهه پئسا ڏيئي، ڪجهه گهڙيون سائس ڪچهري ڪري جڏهن واپس ڳوٺ وڃي

عضون کي زور ڏيندي انساني خدمت ڪرڻ لڳو، مون ڪيس ٻانهون ٻڌي گهٽوئي ٽنايو، پر! ماستر زور ڏيندو رهيو....

ٽي جنوري؛ جو سڄو ڏينهن سوچن ۾ گذريو، بس! بيڊ تي ئي پيو رهيس، جو! اوچتو اٺين ڌارا ڪرسچن نرس سڏ ڪندي وارڊ ۾ پنهنجو مڌر آواز ڦهلايو، "نوشاد" ڪون هي؟! ڪال آئي هي!

فون ڪنير، اڳيان دلدار جو آواز هو.........

ڀائو! حيدرآباد مان ڪال آئي آهي، ثقافتي کاتي وارن تنهنجي علاج لاءِ وفاقي حڪومت طرفان علاج لاءِ پئسا منظور ڪيا آهن، سو! (P.I.D 9200692 ۽ 9200940) تي رابطو ڪر ۽ ڳوٺ پيو ڪل خير آهي....

ثقافت کاتي جي چڱي مڙس (محترم نثار ميمڻ) منهنجي جيڙي ئي سنڀال لڌي هئي، جنهن لاءِ مان سنڌ؛ ادبي تورائتو آهيان.... ان کان اڳ بيوس خادم بروهي منهنجي علاج لاءِ وچ شهر ۾ ڏهه ڏينهن ڪيمپ هئي علامتي بک هڙتال ڪئي جنهن ۾ پيچو فقير، ڊاڪٽر مولابخش جوڻيجو، ڪامريڊ عزيز بروهي، پنهل ساريو، قمر ڀٽي، غلام محمد ڀٽي، ڪامريڊ عنايت قلپوٽو، واحد پارس هسٻاڻي، واحد ڪانڌڙو، اصغر سنڌي، عبدالحميد ناز سومرو، نظام ڪولاچي، الهيار چانڊيو، محمد گاڏهي، اقبال چنو، مسرور سيال، ڊاڪٽر غلام حيدر ڪوڪر، زيب ساريو، غلام مصطفيٰ ڀٽي، سارنگ امر، ڪامريڊ قادر بروهي، بدر ساريو ۽ ٻيا شامل هيا.

ان ئي رات مان محترم "ڪنيز ڪهيري" لاءِ تهه دل سان پريشان هوس، جو! هوءَ (Night Duty) جي تبديل ٿيڻ ڪان پوءِ اکين کان ئي اوجهل اوجهل هئي.....

پنج جنوري؛ جي صبح جو وري ٻيهر دلدار جي فون آئي، فون اٽينڊ ڪندي ڪيس چير، تون رات واري ڪوچ ۾ سفر ڪر ۽ صبح جو نائين ڌارا پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ (P.I.D) حيدرآباد جي.او.آر ڪالوني پهچ!

تقريبن ٻين ڌارا گرم پاڻي سان وهنجي اسپتال جي جيل جي قيدين وانگر ماني کائي شاعر دوست عبدالغفور چانڊيو سان گڏجي سٺ روپين ۾ اسپتال جي گيٽ تان ئي ٽيڪسي ڪرائي ساڍي ٽين ڌارا بلبو لاٽين

غريب آدمي لفظ تي منهنجين اديبائين اکين ۾ ڳوڙهن جي آلاڻ ٿيڻ لڳي ۽ پوءِ منشي جي احساسن سان گڏ منهنجا احساس به روئڻ لڳا.......

بعد ۾ شاعر دوست "عبدالغفور چانڊيو" متعلق سنجيدگيءَ سان سوچڻ لڳس. دوست کي منشيءَ کان پئسه وٺڻ وقت ائين نه ڪرڻ گهرجي ها ۽ مون متعلق ويچارڻ گهرجي ها ته اڳتي سفر ڪرڻ دوران مون سان ڪوبه اڻ وڻندڙ واقعو ٿي سگهي ٿو؟! ۽ ٿيو به ائين ئي، جنهن جو درد دل جي ڪتاب ۾ چنجي هميشه هميشه لاءِ (Compose) ٿي چڪو آهي.......

ساڍي ستين ڏارا مهراڻ ايڪسپريس آئي، جنهن ۾ سوار ٿي ائين ڏارا هُن بادامي اکين واري ماستريائيءَ جي شهر (ٽنڊو ڄام) پهتس. حيدرآباد اسٽيشن تي ٽرين جو اوسيئڙو ڪرڻ دوران ائين پانئين رهيو هوس، جيئن ڪو جنوري مهيني جي رات جا ست نه، بلڪ! ٻارنهن، هڪ ٿيو هجي!!!

(جنوري مهينو معنيٰ جن مهينو!!!)

جنوري مهيني لاءِ ڏرتيءَ جي وڏڙن جي هڪ چوڻي مشهور آهي ته، (هٽ واٽيو ۽ سيارو پنهنجي ڪسر ڪڍهن به ناهن ڇڏيندا!!!)

حيدرآباد جي پر رونق ٽيشڻ (اسٽيشن) تي پليٽ فارم ٻه ۽ ٽي تي ٽنڊو ڄام، ٽنڊوالهيار ۽ ميرپورخاص جون خوبصورت صورتون رات جي ٽڏ ۾ به پنهنجي خوبصورتي احساسن کي آڇڻ لاءِ اڳرائي ڪري رهيون هيون، پر! الاءِ ڇو؟! سندن حُسن جون اهي الرون هن ڏڪيل دل تي ذري جو به اثر ڪين ڇڏي سگهيون؟!

ان جو ڪارڻ فقط (Chest Tubber Clousis) ئي هيو، جنهن زندگيءَ کي احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ پريشان ڪرڻ جا سمورا گس کولي ڇڏيا هئا. ته مون کي "ٽي.بي" آهي...... پر! ڊاڪٽرن جو اهو بار بار ورجايل جملو ته مون کي آخري اسٽيج ۾ ٽي.بي آهي، جيڪڏهن! هاڻي هن ڀيري مون پاڻ تي توجهه ڏئي علاج نه ڪرايو ته پوءِ بچڻ جا امڪان تمام گهٽ آهن!

اوهين يقين ڪريو ڊاڪٽرن جو بار بار ورجايل اهو جملو چَسو ۽

ڇٻو آهي؟!

رات ٽندو ڄام چاچي مظهر لاشاري "نمائنده عبرت" جي گهر رهي، ٻارن ٻڇن سان ملي صبح جو ورڪشاپ تان ڪار ڪرائي تي بوڪ ڪرائي پي.آء.ڊي ساڍي نائين ڏارا پائو "امداد ميمڻ" سان مليس ان کان اڳ پائو "مرتضيٰ سيال" کي رات جو ستين ڏارا ٿي حيدرآباد اسٽيشن تان ڄام شورو واري گهر فون ڪري ٻڌايم تہ يار! توهان جي (Witness) پٽي جي سخت ضرورت اٿم. سو! ڏهين ڏارا پي.آء.ڊي پهچ!!

پائو "مرتضيٰ سيال" پوري وقت تي پهچي ويو، جنهن جي سئو سيڪڙو پڪ هيم تہ يار! عبرت ميگزين جو ايڊيٽر صاحب آهي. سو! ڪٿي تو اچي؟!

پائو پوري هڪ بجي تائين پريس انفارميشن جون قانوني گهرجون پڻ مڪمل ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائيندو رهيو ۽ پنهنجي ذاتي ڪار استعمال ڪري هڪ ادبي فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪائي ڪسر ڪين ڇڏيائين. جنهن جي لائق واقعي بہ مان ڪين هوس.....

"مرتضيٰ سيال" سان گڏ "واحد پارس هيسباڻي" ۽ عبرت جي چيف رپورٽر "سرفراز وسطڙو" جو پڻ ادبي ٿورائتو آهيان. جن تڪليف ڪري (Witness) وارو ادبي ڪردار ادا ڪيو.....

پي.آء.ڊي طرفان ويهن هزارن جو چيڪ ڊپٽي ڊائريڪٽر محترم "ڊاڪٽر نظام الدين ميمڻ" کان وٺي انفارميشن فوٽو ڪيڊرائي رڪشا ڪرائي پارس هيسباڻي ۽ شوڪت جوڻيجي سميت حيدر چئونڪ وٽ "مور ساگر" ۽ "منظور جوڻيجو" سان ملي "دلدار" سان مليس. بعد ۾ بدين اسٽاپ تان بليو لائين ذريعي شام جو ڇهين ڏارا (وارڊ نمبر تيرهن) پهتس، جتي آغو، گل ۽ ميهر اڳ ئي آيل هيا منهنجي طبيعت پڇڻ لاء.......

ڇهہ جنوريءَ جي شام ٻه جڻين ٿي (وارڊ نمبر تيرهن) پهتس، تيئن ئي پتو پيو، هو پاڻ وارو يار بيڊ نمبر اٺ وارو (عليم بيگ) صاحب موت جي ور چڙهي ويو! ڪالهہ جڏهن مان حيدرآباد وڃڻ لاء تياري ڪري رهيو هوس، ان وقت پيشاب ڪرڻ دوران بيهوش ٿي ويو هو، سنڌ اکيون بلڪل اڇيون ٿي ويون هيون، ان کان ڪجهہ لمحا

اڳ جڏهن مون سائس طبيعت جو پُڇاڻو ڪيو هو تہ ڪنڌ رکي ڏاري اکيون ٺي ٻوٽي ڇڏيون هئائين ۽ تڪليف دوران ڇٽي ڏنو هئائين.

(نوشاد! يار ڪچھ ڪرو!! مين مرجائون گا!!!! مارني والي سي بچاني والا بهت بڙا هي.......)

۽ حيدرآباد وڃڻ دوران بليو لائين ۾ سوچڻ اچي سوڙهو ڪيو هو تہ عليم جو هاڻي الله ئي واهي آهي!!!

رات جو (ڪنيز) آئي، طبيعت پُڇيائين ۽ ناول جو پڻ پُڇاڻو ڪرڻ لڳي، تہ ناول ڪٿي پهتو آهي؟!

ست جنوريءَ جي صبح جو ناشتي ڪرڻ دوران "ڪنيز" آئي، ان وقت ٻي سنڌي نرس "روزينہ" پڻ ساڻ هيس. طبيعت پڇيائين ۽ پوءِ ڪيس عبرت ميگزين جي ڪاپي ڏنم تہ تولاءِ اداري منجهان آندي اٿم....

اٺ جنوريءَ جي رات جو نائين ڏارا "ڪنيز" (وارڊ نمبر تيرهن) ۾ کڻي آئي، طبيعت جو ۽ ناول جو پڇاڻو ڪيائين. ڪيس ڇٽي ڏنم.

(جڏهن کان (وارڊ نمبر تيرهن) ڇڏي ويون آهيو. تڏهن کان ڇورا ڇنا ٿي پيا آهيون!)

پوءِ بہ اوهان جي سار لهڻ لاءِ دل اوهان جي ٿورائتي آهي....

نَو جنوريءَ جي شام جو ٻہ نقاب اوڙهيل مهاجر عورتون (وارڊ نمبر تيرهن) ۾ داخل ٿيون. جن مان هڪ اندر وارڊ ۾ داخل ٿي ۽ ٻي عورت ٻاهر گيٽ تي ئي بيٺي رهي. ٿوري دير کان پوءِ عورتون مون طرف کڻي آيون ۽ اچڻ شرط ئي ڇوڻ لڳي (عليم ڀائي) ڪيسي مرگئي؟!

مرني کي وقت ان کي حالت ڪيسي ٿي؟!

ان کي زبان پر ڪس ڪا نام ٿا؟!

وه ڪيا کھ رها ٿا؟!

۽ پوءِ روئڻ لڳيون.......

مون کين دلجاءِ ڏيندي چيو. بس! ان کي عمر هي اتني ٿي......!!

"عليم بيگ" کي ٻہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي، سنڌ وني هڪ حرفتي عورت هئي، هن جي روين مان اٿين پئي محسوس ٿيو. جيئن ڪو سنڌ

گهر وارا هن مان نفرت ڪندا هجن!!! ته ڪيس ٽي.بي آهي!!!

احساسن جي دنيا به عجيب دنيا ٿيندي آهي، جو! انسان وجهڻ وقت يا وجهڻ ڪان پوءِ ٿي هٽ هٽڻ شروع ڪندو آهي، ائين ئي ٿيندو آهي، جو! جيٿري هوندي قدر ناهي ڪيو ويندو، پر! مُئي ڪان پوءِ ٿي پار پٽا پوندا آهن، يا ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي، جو! رشتا به نفرتون ڪرڻ لڳندا آهن!!

ٽي.بي هئڻ سبب "عليم بيگ" جي زال هن ڪان نفرت ڪرڻ لڳي هئي ۽ هوءِ اولاد کي به منع ڪندي هئي ته سندءِ طرف نه وڃو!!

ڏهه جنوريءِ جي صبح جو ساڍي ستين ڏارا آغو، دلدار، سئوٽ خادم جو پٽ عرفان ۽ مان صدر مان (Blue line) ذريعي شام جو چئين ڏارا نصيرآباد پهتاسين ۽ ساڍي چئين ڏارا نصيرآباد مان ڪار ذريعي باڊهه پهتاسين، ان ڪان اڳ سيوهڻ جي بس اسٽاپ هوٽل تي مجبورن مانجهاندو ڪيوسين، جڏهن جو شام جو پنهنجي شهر گهرن اڳيان ڪار روڪرايم، ته پتو ناهي ڪيئن ڪامريڊ اچي ٻڪ هنيو....؟!

ڪامريڊ ٻڌايو ته ابو! ٻن ڏينهن ڪان روڊ تي تنهنجي اچڻ لاءِ اچي ٻيهندو آهيان، ته ابو ايندو! ڪامريڊ جي ٻڪ ۽ ان اڇوتي جملي ماضيءَ ڏانهن ڏکي ڇڏيو ۽ پنهنجو "ٻاروتڻ"، پنهنجو ٻالڪ پڻو هڪ دم ذهن جي اکين اڳيان تري آيو........

مون کي ياد آ، جڏهن مان ڪامريڊ جيترو ستن سالن جو ٻالڪ هوندو هوس، ته بابا (مزن) جو اوسيئڙو ڪندي ننڊ پئجي ويندو هوس ۽ پوءِ صبح جو سوير ئي سوير بابا ماندڻيءَ تي نئين شهر هليو ويندو هو يا ته اڪثر ڪين تي ڪنهن دوست کي ويهاري گهمڻ هليا ويندا هيا...... ائين بابا جو پسڻ مهينن جا مهينا ڪونه ٿيندو هو....!!! پوءِ اکير پٽي ڦتڪندي هئي.....

۽ پوءِ "ڪامريڊ" مظهر نوشاد جي بادامي شيرڙين اکين ۾ گهوريندي پنهنجين ئي بادامين اکين جي آلاڻ ۾ غوطا کائڻ لڳس........

يارهن جنوريءِ جي شام جو چئين پنجين ڏارا "ڊاڪٽر برڪت مشوري" جي ڪلينڪ تي نواب "نبن" سومرو ڪان انجيڪشن لڳرائي رهيو هوس، جو! سپاهي "غلام شبير ڪنير" جو سرد لاش سندءِ

پئي هئي، طبيعت بہ ڪافي ناساز هيس، هن ڳوٺ جا حال احوال ورتا تہ چار ڏينهن ڪيئن گذريا؟!

هڪ شوخ قسم جي شاعر جا تنهائيءَ ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙا ڏينهن گذرندا هوندا؟! (ڏينهن ڏوجهرن ۾ تہ راتيون روح ۾) رقص ڪنديون آهن.... ۽ دل! دل يتيم ڪنهن ٻچايل، ٻڪايل ۽ ستايل ٻالڪ جيان ٻاسجندي آهي!!

انسان سماجي ناٽڪ جو هڪ رنگين ناول ٻڌجي چڪو آهي، جنهن جو (Tittle) فقط درد ئي آهي. چند خوشيون ڪنهن ٻہ، هڪ بہ درد جو ازالو نہ ٿيون ڪري سگهن! خوشيون ڪوڙ سال جيون جي جهول ۾ خيرات سمجهي اربڻ جي جستجو ۾ ڪن، پر! پوءِ بہ اِهي مڙئي/ هڙئي سال (راتيون) دنيا جي هڪ درد اڳيان ڪابہ معنيٰ ڪين پيون رکي سگهن!!!

پندرهن جنوريءَ جو اڄوڪو ڏينهن الاءِ جي ڇو؟! احساسن جي ڏتڙيل ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ريهون ۽ راتيات ڪندي وڏي مشڪل سان گذريو!! (وارڊ نمبر تيرهن) ڪنهن رن زال جيان سينڊ وڪريل ۽ اُجڙيل ٻاسجي رهيو هوم!!! ان جو ڪارڻ موت جو واسو هو. فقط موت جو واسو.....

ها! ان موت منهنجي اکين اڳيان پنجن جانين کي مانگر مڇ جيان ڳڙڪايو هو، جن ۾ ٻہ عورتون ۽ ٽي مرد شامل هيا، جڏهن تہ ٻيا ڪيترائي انسان (مريض) ايندا رهيا ۽ ويندا رهيا.....

موجوده وقت عورتن واري حصي ۾ گڙيا، پناڻ عورت ۽ اڄ هڪ مهاجر عورت داخل آهن ۽ مردن واري حصي ۾ ظفر پناڻ، صابر سانگي ۽ مان شامل آهيون.

(وارڊ نمبر تيرهن) اڄ ايئن ڀانئين رهيو آهيان، جيئن ڪو ريل جو گاڏو هجي، جنهن ۾ هڪڙا مسافر چڙهندا هجن ۽ ٻيا مسافر هر ايندڙ اسٽيشن تي لهندا هجن ۽ مرڻ وارو منظر ايئن ڀانئين رهيو آهيان، جيئن ڪو ٽرين جو ايڪسيڊنٽ ٿيندو هجي.....!!!

انهن ئي سوچن ۾ هوس، جو! ڊائري لکندي اوچتو ئي اوچتو " ڪنيز فاطمہ " وارڊ ۾ داخل ٿيندي ئي ڊائري پڙهڻ لاءِ گهرڻ لڳي....

هو، تنهن سمي فرشتن ۾ تنهنجي معصوم پٽي کي سجدو ڪيو هو....

دنيا جي محبتن ۾ تنهنجي مُرڪ معصوم پٽي جو منشور محسوس ٿي اٿم. پيار اڄ پُراڻو هوندي ۾ ڪيڏو نه نئون نئون پيو محسوس ٿئي؟!

ها! توکي درگذر ڪرڻ جي باوجود به درگذر نه ڪري سگهيو آهيان....!!! پريت به عجيب رانديڪو آهي، جنهن سان کيڏڻ جي باوجود به انسان نه ٿو ڍاپجي!!!

ڪاش!!! دل جي جڳهه تي سيني منجهه صرف گوشت جوهڪ ننڍڙو ٽڪڙو ئي ٽڄ ٽيل هجي هان، جنهن جو ڪم احساس گڏ ڪرڻ نه، بلڪه! رت جو وهڪرو ئي جاري ڪرڻ هُجي ها!!!

مان جيون جي جنڊ ۾ حياتيءَ جي گذرندڙ ڏينهن کي پل پل پيهندو رهندس، پر! او ڪٽڪ جي داڻن جهڙي ڇوڪري!! تنهنجي جوڀن جو ڇا ٿيندو؟! ياد رک!!! پاروتڻ هڪ ڏنڌلو خواب اٿي..... ۽ جواني! جواني تيز تتل فقط هڪ ڏينهن جو هڪ پهر... پوءِ اُماوس رات جي اونداهيءَ جهڙي پوڙهائپ سان ڪير پريت ڪندئي!!!؟!!! پوءِ به مان توکي اڳ جيان آخر تائين پوڄيندو رهندس ۽ جڏهن ڪوئي آواره پوپٽ تنهنجي وجود جي پيل ڪري، توکي ڏڪاري ڇڏي، ته پوءِ ۾ منهنجي دل جو دروازو تولاءِ کليل ئي رهندو ۽ پوءِ تون هلي اچجانءِ.....

ڪنهن سرڪاري هاسپيٽل جي ڪنهن وارڊ جي ڪنهن بيڊ ۽ ڪنهن نظربنديءَ، ڪنهن قيد خاني ۾ ڪهڙو فرق آهي؟! تون ڪجهه مهينا ڪوٽڙي (Chest Diseses) هاسپيٽل ۽ پورا ڇهه مهينا (Ojha Chest Diseses) هاسپيٽل ڪراچي ۾ ڏ، ڇڻ ته ڪنهن قيدخاني ۾ نظربند رهيئن.... او بيماريءَ ۾ قيد ڪاٽڻ واري نظربند رهندڙ سنڌ جهڙي سُندر ڇوڪري؟! توسان گڏ، گهاريل گهڙيون ڪتي ٿي دل وساري سگهي.....!!!

ها! تون ته پل پل ياد آهين ۽ پل پل ياد رهندينءَ!! ڏس نه!!! توبن مان اڌورو اڌورو رهجي ويو آهيان......

مان جسم هوس،
تون روح هئينءَ!
مان اکر هوس،

تون احساس هئينءَ!

توبن هائي تہ ڪراچي بہ "ڪيج" جبل جو ڪاڙهو پٿي لڳي.... پر! او مِٺي!! مان "پنهون پروچ" ڪين بڻجي سگهيس!!!، البتہ! تون سسئي جي صورت ضرور بڻيئہ.... ست سال بہ ڪو عرصو آهي؟! جو! سور ڏيئي سنگت جهڙو سات ئي ڇِني وئينءَ!!! ست سال ءَ ٿاڪ منجهند جو هڪ پهر.... اف! وقت ڪيئن نہ واريءَ جيان وجود جي پُڪوڙيل مُٺيءَ منجهان اوچتوئي اوچتو وهي ويو!!!؟!!!

منهنجو شعور پٺو ءَ شاعرائي حس بہ جاهل پٽي جو مرڪز رهي، جو! تنهنجن اڻوتن احساسن کي نہ سمجهي سگهيس!! واقعئي!!! ڪنهن جي اڻ ڇُهيل احساسن کي سمجهڻ تمام اوکي ۽ اوکو عمل آهي....

اٺيهہ محرم ءَ ستاويهہ سيپٽمبر واريون تاريخون قيامت جو ڏيک ڏيئي رهيون آهن.... جڏهن نہ ڪو ويجهو عزيز اکين کان هميشہ هميشہ لاءِ اوجهل ٿي ويندو آهي، سو سمو قيامت جو ئي ڏيک ڏيندو آهي.

پيار ڪرڻ ڪان اڳ آزادي،
پيار ڪرڻ ڪان پوءِ اوسيئڙو!
ملڻ وقت اوسيئڙو،
ملڻ ڪان پوءِ اوسيئڙو!
جدا ٿيڻ وقت اوسيئڙو،
۽ هميشہ لاءِ جُدا ٿيڻ ڪان پوءِ اوسيئڙو!
هاڻ وري،
قيامت جي ڏينهن جو پڻ اوسيئڙو!

پيار ڪٿي اوسيئڙي جو نالو تہ ناهي!!! تنهنجي وئي ڪان پوءِ يادون بہ يرغمال بڻجي چُڪيون آهن.... هڪ يرغمالي (باندي - نظربند) جي ڇا ڪيفيت هوندي؟! ان جو علم آهي توکي....؟!

پيار ۽ پيڙا جا احساس هڪ ئي وجود جو پاڇو ٿيندا آهن.

پوءِ ڪو پاڇو نہ ٿيو، تہ ڪو پاڇو وري وڏو ٿيندو آهي. اي هوا....!!! هُن کي ڇئج؟! جيڪڏهن! تنهنجو تصور نہ هجي ها، تہ پوءِ منهنجو هيءُ وقت ڪيئن ڪٽجي ها!!! ۽ ها! مون کي بي وفا بہ نہ ڇئج، ڇو جو! تون پل پل ياد جو آهين....

سانڻ! اچن ڳوڙهن جو تہ خيال نہ رکيئي، پر! افسوس جو، هنن ڳاڙهن ڳوڙهن جو بہ قدر ڪين ڪيئي!! ايئن اڪثر ٿيندو آهي، جو! پنهنجن کان بہ وڌيڪ پراوا مٺا ۽ عزيز ڀاسجندا آهن، پيار وکر ئي اهڙو آهي.......

نئين عشق ڪرڻ سان نوان سور پلئہ پوندا آهن، پر! زندگيءَ سان عشق ڪرڻ جڻ روز روز پاڻ کي صليب تي ٽنگڻ جي برابر عمل ليکبو....

محبوب ڪيڏو بہ هيٺو هجي، پر! پوءِ بہ هو عاشق کان هر حال ۾ ڏاڍو هوندو آهي ۽ ڪڏهن تہ وري پاڻ ڏاڍن سان بہ پيار تي ويندو آهي......!!!

سورهن جنوري جي رات جو ستين ڏارا (ماستر صداقت علي سانگي) جي زور پرڻ تي (پرويز سانگي) سان گڏجي ڪار جي ذريعي (صابر حسين سانگي) ساڻ ونئي قائداعظم جي مزار جي سامهون (محفلِ خراسان) امامن جي مزارن جو درشن ڪرڻ وياسين، جتي مولا علي مشڪل ڪشا، سانڻ سڪينہ، گهوٽ قاسم، امام موسيٰ ڪاظم، فاطمہ الزهريٰ، امام حسن، امام حسين ۽ غازي عباس جن جون هوبهو مزارون عڪس بند هيون.

(محفلِ خراسان) ڪجهہ گهڙين لاءِ امامت جي دور ۾ درشن ڪرائڻ لڳي، ايئن پئي محسوس ٿيو، جيئن ڪو مان ايران، عراق، ۽ شام وغيره ۾ شام جو هڪ لنيل مسافر هجان ۽ تصور ئي تصور ۾ غازي عباس کان پنهنجي پويتر خواهش جي گهر ڪري رهيو هوس.....

(محفلِ خراسان) ۾ ميوزيڪل اسٽال، ڪتابن جا اسٽال، تصوف ۽ مذهبي عقيدي واريون اهل تشيع واريون شيون پيون هيون اسان سان گڏ (امتياز شيخ) پڻ هيو، جيڪو بعد ۾ سنگت سميت ڏهين ڏارا اسان کي ڇڏڻ (وارڊ نمبر تيرهن) تائين گڏجي آيو.

سترنهن جنوريءَ جي صبح جو جنگ اخبار جو پراڻو سينئر صحافي "ساجد صديقي" صاحب سان (وارڊ نمبر تيرهن) ۾ ملاقات ٿي ويئي، (ساجد صديقي) صاحب پنهنجي نوجوان ڌيءَ کي داخل ڪرايو هو.

شام جو سنڌ ونئي ۽ بي اي ڪندڙ ڌيءَ پڻ وڏي ڌيءَ لاءِ اسپتال آيا هيا، جن سان شام جو صحافتي ڪچهري ڪرڻ دوران ساجد صاحب

تعارف ڪرائي دعا سلام ڪرائي.

(ساجد علي صديقي) جنگ اخبار ۾ ٻاراڻي ادبي صفحي جو انچارج پڻ رهي چڪو آهي، هي هڪ سادو ڪرو ۽ سچو انسان لڳو. ڪچهريءَ دوران سنڌ ۽ چٽيل هڪ جملو هن ڊائري ۾ (Compose) ڪري رهيو آهيان ته،

(لکني سي هم باز نهين آئين گي، اگر! لکين گي نهين، تو اندر هي اندر ۾ مرتي رهين گي!! باهر لوگ مارين گي، تو اندر ۾ ضمير مارتا رهي گا، هم ضمير والي لوگ جائين تو ڀلا جائين ڪهان.....!!!)

رات ٿي ته (Night Duty) ۾ "بيو رينا" آئي ۽ ايندي ئي چوڻ لڳي،

ڪيسي طبيعت هي آپ ڪي نوشاد؟!

جي! بلڪل نارمل هون.....

۽ پوءِ ڪائنس ڪرسچن مذهب تي (llen G-White) جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب (هم اور هماري دنيا) پڙهڻ لاءِ ورتم.

عيسائي مذهب ۽ حضرت عيسيٰ واري فلسفي مون کي مُنجهائي وڌو هو. مُنجهائي ته مون کي دنيا جي هنن سيني مذهبن وڌو آهي، جن ڪان هاڻي ته ذهن ۽ ضمير کي پر! روح کي ٻي ڪِربَ پئي اچيم!!!

منهنجي شاعرانه نظرن ۾ دنيا جو آتم ۽ مٿانهون مذهب فقط انسان ئي آهيم. جيڪڏهن ڪنهن به مذهب ۾ انسانيت ناهي ته هو پنهنجن اپوجهه پوئلڳن کي گمراهه ڪري رهيا آهن.

۽ الاءِ جي ڇو؟! دنيا جي مذهبن کان ماڻهپو موڪلائڻ جا گس ڳولي رهيو آهي.....؟! دنيا جو ماڻهپو ۽ اچوتو مذهب فقط ادب ۾ ئي آهي ۽ مان ادب جو پرائمري ٻار جيان پڙهندڙ ٻالڪ ئي آهيان.

حضرت عيسيٰ........

عيسائي فلسفو.......

خدا وند جو پٽ.....

عجيب فلسفو آهي.....؟!؟

جڏهن ته "ڪلام الله" ۾ واضح لکيو ويو آهي ته (خدا نه ڪنهنجو ڄائو آهي ۽ نه ڪنهن کي ڄڻيو آهي؟!؟)

عجيب فلسفو آ؟! ڪرسچن مذهب نہ صرف حضرت عيسيٰ ڪي، مائي مريم ڪي، خداوند ڪي، پر! پنهنجن سمورن پوئلڳن سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ ڪي بہ ڪجي گار ڏيئي رهيو آهي....؟!

ارڙهن جنوريءَ جو سادي ائين ڏارا "ساجد صديقي" صاحب سان بيڊ نمبر نوَ تي ڪڪڙ جي پيس سان رات جي ماني کائي رهيو هوس، جو! "ڪنيز" اوچتو "روزينہ" سان گڏ وارڊ ۾ داخل ٿي ۽ ايندي ئي ماسترياڻيءَ واري روب ۽ لهجي ۾ چوڻ لڳي، منهنجي ڪهاڻي ڇپي آهي ميگزين ۾؟!

"مرتضيٰ سيال" منهنجو ادبي دوست آهي، مون "واحد پارس هٺارون" ڪيس ڪهاڻي مُڪي ڇڏي آهي، سو! هن ميگزين ۾ نہ ڇپي آهي، فيبروريءَ واري پرچي ۾ ضرور ڇپبي.....

پوءِ پندرهن جنوريءَ واري "عبرت ميگزين" ڏيئي ڪيس مطمئن ڪرڻ لڳس.... پر! هوءِ ناراضگيءَ جو ناول ٿي بڻي رهي......!!!

اُڻويهہ جنوريءَ جي صبح جو نيراني واري دوا ۽ ناشتو ڪري بيڊ تي اِن ڪري سُتو ئي رهيس، جو! اڄ آڇر جو ڏينهن هيو، ٻيو تہ وارڊ کان ٻاهر باغ (لان) ۾ جهڙالي موسم سبب ٿڌي هوا لڳي رهي هئي، جنهن سبب ستوئي رهيس.......

تقريبن ڏهين ڏارا (Morning Duty) ڪندڙ "نگهت" اُٿاريندي چوڻ لڳي،

نوشاد! نيند ڪر رهي هين آپ!!

انجيڪشن نهين لگواني هي.....!!!

پوءِ هوءِ انجيڪشن هڻڻ سان گڏوگڏ سوشل ذهن تي بحث ڪرڻ لڳي، تہ انسانيت، انسان جي ذهن ۾ هجڻ ضروري آهي.....

مان ڪيس ادبي لهجي ۾ پُرسڪون ٿيندي چوڻ لڳس، ماڻهپو انسان جي من جو منشور هئڻ گهرجي ۽ انسانيت انسان جي ئي هٿ ۾ آهي، اوهين چاهيو تہ پنهنجي عزت پاڻ ڪرائي سگهو ٿيون ۽ جي اوهين چاهيو تہ ......!

رات جو تقريبن سادي ستين ڏارا جنهن مَلي اٺ نمبر بيڊ واري معصوم ٻالڪ "شاهد" جو علاج ڪرايو هو، سو! ڪافي ڏينهن کان

ڇهين ڏارا واپسي (وارڊ نمبر تيرهن) ڪٽي سين.

ايڪويهہ جنوريءَ جي ڏينهن، لاشعوري طور تي ڪِرِپ ڏيندڙ ڏينهن جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي، ان جو ڪارڻ ٿن (Expire) وجودن جو مجسمو هو! اڄ تہ وري حد ٿي ويئي، جو! سئو سالن جو پوڙهو (Admit) ٿيو هو. ڪيس ڏسي "ڪاڪو چاچي مل" شدت سان ياد اچڻ لڳم.....

"چاچي مل" منهنجو صوفي دوست آهي، هو (استاد روشن جوڻيجو) جي درزڪي دڪان تي سماجي ۽ صوفي ڪچهري ڪرڻ دوران "صوفي دوست" بڻيو هو، جنهن کي تقريبن ٻارهن تيرهن سالن جو عرصو گذري چڪو آهي. ڪاڪي چاچي مل سان سنڌ ۽ نڪاٽي ۾ وچي ميران ٻائي "نانڪ سائين" جي پڄڻ تي صوفي ڪچهري ڪندو هوس.

صوفي ڪچهري ڪرڻ دوران "ميران ٻائي" جي ٻاوٽي،

(ڪڏ ڏيوان اکيان ڪجليان ڪانوان ڪنون،

جي ٻي در واجهاون......!!!) ۽ فقير جانڻ چن جو ڪلام

(ڪير ڏٺي ٿو، ڪير وٺي ٿو، ڪير چوي ٿو آهي الله!

پاڻ ڏٺي ٿو، پاڻ وٺي ٿو، پاڻ چوي ٿو آهي الله!)

اڪثر ٻُڌائي تصوف جي تشريح ڪندو هو ۽ هڪ ڏينهن تہ ايئن بہ چئي ڏنائين،

(بنان مرشد جي مالڪ ملڻ مهال آ!!!)

ايئن سمجهو مرشد ڪنهن انڌي اڳيان لٺ مثل آهي"

انسان جا ست جنم ٿيندا آهن، جيڪو اهو پنهنجن اعمالن جو ڪيتو ڀوڳڻ هن جهان ۾ ايندو اهي!!!

"ڪاڪي چاچي مل" جا اِهي ٻئي مثال پنهنجي جاءِ تي پل سچا ۽ اجوتا هجن پر! منهنجي جاڪوڙي ۽ انا پرست دل ۽ ذهن اڳيان اِهي ٻئي نظريہ ٻارائي ٽا پائنجن....

ڏسونہ!!! ڪلام الله ۾ بہ اها وضاحت بار بار ٿيل آهي، تہ "خدا" انسان جي ساهہ جي رڳن کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي ۽ ڪيس پنهنجي مُهانڊي تي (Portreat) ڪيو آهي، تہ پوءِ اندر واري الله کي ڇو نہ ٿو

پر! ذهني علاج جي پڻ ڪنهن وقت بہ ضرورت پئجي سگهجي ٿي.....

رات جو ڏهين ڏارا "مرتضيٰ سيال" ڏانهن چار شوري واري گهر ۾ (771531) تي فون ڪيم تہ موجوده وقت طبيعت ڪافي سُڌنڌڙ آهي. (P.I.D) طرفان چيڪ ڪيش جي صورت ۾ ملي چڪو آهي ۽ ناول (وارڊ نمبر تيرهن) عبرتِ ميگزين يعني توڏانهن پوسٽ ڪري رهيو آهيان تہ جيئن قسط وار ڇپي ناول ڪي پڙهي وٺ تہ جيئن مهاڳ پڻ تون ئي لکي سگهين، بعد ۾ ناول جا (Butter) گهرجن!!! پوءِ ڪتاب ڇپرائبو.......

تہ پاڻو "مرتضيٰ سيال" وڏن پاڻرن جيان تنبيهہ ڪرڻ لڳو، ناول تہ پيا ڇپبا، پهرياڻين پنهنجيٰ صحت جو خاص خيال رک ۽ منهنجون دعائون توسان گڏ آهين.....

بعد ۾ سادي ڏهين ڏارا "جي جي" ڏانهن فون ڪيم تہ "طبيعت بهتر آهي ۽ ڪالهہ صدر وجي ڪامريڊ لاءِ اسڪولي ڪپڙا خريد ڪيا اٿم."

ڪالهوڪي ان فلسطيني ڊاڪٽر تي ڏادي چڙ ۽ ڪار پئي ڪاڏم تہ هن ڏکهي ٻجي ڏاڙهيءَ ڪي هڪ ٽڪڙو ٻجو ڏيئي ونان ۽ اسرائيل وارو ڪم ڪري، ملڪ جي بجيٽ جي ڪوٽا تي پلجنڌڙ (سنڌ جو حق کائيندڙ) ڪي لت هٽي سنڌ مان ٺي لوڏي ڪيڍي ڇڏيان....!!!؟!!! تہ جيئن ڪوبہ غير (فلسطيني وغيره) سنڌ ۾ داخل ٿيڻ جي اڪرائي نہ ڪري سگهي!!!؟!!!

صبح جو يارهين ڏارا "صابر سانگي" جي ٻارائي ضد تي ڊاڪٽرن ڪيس گهر وڃڻ جي موڪل ڏيئي ڇڏي، ان ڪان اڳ هو سٺو سالن جو پوڙهو پڻ ٻارائي ضد جي ڪوڙي ڪهائي ٺجي گهر لاءِ پٽن ڪي پريشان ڪرڻ لڳو! ۽ شام جو ڇهين ڏارا وري هُو هيروني "مختيار" (Expire) ٿي ويو.

"مختيار" وارا چار پاڻر ماءُ ۽ هڪ ڀيڻ سميت سرڪاري ننڍڙيون ننڍڙيون نوڪرڙيون ڪندا آهن. "مختيار" خود واپڊا ۾ لائين مين هو. ڪالهہ رات سنڌءِ نندي ياءُ "وسيم" (جيڪو ڪراچي ريلوي ۾ ننڍڙو ملازم آهي) رات جو ڏيڍ ڏارا ڪڙڪ چانهہ ڪري پياري هٿائين، ان

ڪو ڏڳ وڏو ۽ اڻ ڪٽ ٿيندو آهي، جن ۾ ڪي ڏڳ سوڙها ته ڪي ڏڳ وري موڪرا ٿيندا آهن.......

پنجويهه جنوريءَ جي صبح جو ساجهر ئي اڪين واري وارڊ نمبر يارهين ۾ ڊاڪٽرن، نرسن، اسپتال جي باقي عملي ۽ گورنمينٽ صحت کاتي جي ڪارندن جي وٺ سٽ ۽ ڊُڪ ڊُڪان پئجي ويئي، جو! صحت کاتي جو ڪو سيڪريٽري پيڪريٽري وغيره اچي رهيو هو، جنهن ڪري رنگ روگن ۽ شاميانه وغيره استعمال ڪيا ويا هئا.

اهو سمورو "منظر" ڏسي "مولانا يوسف" چوڻ لڳو، نوشاد ڀائي! اِن لوگون ني (اسپتال وارن) آج اس پروگرام ۾ سات ستر هزار تو خرچ ڪيئي هون گي، اگر! يي پئسي غريب مريضون پر خرچ ڪئي جاتي تو ڪتنا اچا هوتا اور غريب لوگ ان ڪو ڪتني دعائين ديتي!!!

اڙي يار! يوسف ڀائي!!

ڇوڙو ان باتون ڪو؟ يي لوگ دڪائي ڪي لبي دوچار روپي خرچ ڪرتي هين اور ان ڪو ڪيش ڪرواتي هين!! اب اس سيڪريٽري، پيڪريٽري سي اعلان ڪروائينگي اور ڪئي لاک وصول ڪرلين گي!! ديڪتي نهين يي لوگ ڪيسي ڪُتي ڪي طرح اس سرڪاري ڪارندي ڪي آگي پيچي ڦِر رهي هين.......!!

پروگرام ڪان علاوه هو سيئي "ڏيکاءُ جا ڍهيسر" چانهه، ڪيڪ ۽ سنبوسن وغيره تي ايئن ڪڙڪي پيا، جيئن ڪجهه "ڪتا مٺل ڍور تي چتا ٿي پوندا آهن".......!!! (پرائي پئسي تي خرچ ڪرڻ يا ڪائڻ ڪتي وارو ئي عمل ليکبو.....؟!)

ڇويهه جنوريءَ جي صبح جو "افشين" داخل ٿيل ڀيڻ "فرحين" لاءِ اسپتال آئي ۽ ايندي ئي سلام ڪري ڪجهه گهڙيون حال احوال اورڻ لڳي.......

مون ڪيس چئي ڏنو، ڪل ميري ڇوٽي بهن آئي ٿي، هم ني آپ ڪاغائبانه تعارف ڪروادِيا ٿا، اگر آپ ڪل آجاتي، تو بهن ڪي آپ سي ملاقات هوجاتي اور وه اپ ڪو ديک ڀي ليتي.......

ته "افشين" وڏين ڪارين اکين سميت مُسڪرائڻ لڳي.....

رات جو نائين ڏارا اوچتو جيئن ئي "ڪنيز" ڪمري (وارڊ) ۾

صحافي (ساجد صديقي)، يوسف سنڌ وني "عذرا" چئونڪيدار چاچو "اڪبر مڪسي" ۽ اديءَ سان گڏ چانھ جون ڪوسيون ڪوسيون سُرڪيون ڀري رهيو هوس جو! اوچتو (صوفي رمضان لغاري) وارڊ ۾ داخل ٿيو.....

"صوفي" ايم رمضان لغاري ڳوٺ ڳهٽو خان لغاري تعلقي شهر ماتلي، ضلعو بدين جو هڪ لاڙي شاعر آهي، جنهن جي پيٽ ڪينسر وارڊ چار ۾ ٽن مهينن کان ايڊمٽ آهي، هن جي شروعاتي ملاقات آغوءَ سان ٿي هئي، بعد ۾ شاعر هئڻ سبب مون سان سنڌ سُٺي ڄاڻ سڃاڻ ٿي، جو ڏينهن ۾ چار چار چڪر پُڇڻ ايندو هو ۽ چانھ وغيره پياري ڪافي ادبي ڪچهري ڪرڻ لڳو.

ڪجھ ڏينهن اڳ هو موڪل تي ڳوٺ ويل هو، جنهن سبب اڄ اوچتو وري ڀيهر اسپتال آيو هو، ايندي ئي مون سان مليو هو، جو! مون سنڌ آجياڻو ڪندي خوش مرحبا ڪئي....

"صوفي" رمضان لغاري جي شاعري آهي ته:

مون جڏهن توکي مُرڪندي مُرڪندي ڏٺو،
قرب تنهنجي مون کي ڪاسائيءَ وانگر ڪٺو،
اِهو سڀ مون سٺو، تنهنجي خاطر "صوفي سنڌي"

•

خفا ٿي نہ سومرا، تون منهنجو ياءُ،
ڇڏيان مان ڪيئن، جن سان اٽڪيو ساھ،
"صوفي سنڌي" اِهو ناھ، اصل ازلئون مارن سان.

ايڪٽيھ جنوريءَ جي صبح جو اسپتال جي پاسي کان "ڪالا پُل" گهمڻ لاءِ وياسين، جن ۾ ساجد صديقي صاحب، يوسف، ذاڪر ۽ مان شامل هياسين، رستي ۾ ساجد صديقي صاحب جي ڌيءَ "افشين" ملي ويئي، جيڪا اسپتال ئي وجي رهي هئي، بعد ۾ شام جو چئين ڏارا "عذرا" جي وڏي ڀيڻ ٽن ڌيئرن سان گڏ اسپتال آئي ۽ اسان سان ڪافي دير ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳي.......

ٻهرين فيبروريءَ جي صبح جو ساڍي ستين ڏارا "افشين" موڪلائي

ڪافي محبت ٻـ ڪندو هو، ڇو جو! آخر هوءَ سندءِ وڏي ڌيءَ جو هئي!!!

جڏهن تہ مولانا "يوسف" ٻڌايو تہ هن جو رشتو سندءِ والدين ٻاونجاهہ سالن جي هڪ پنجابيءَ سان ڪرائي رهيا هئا. جنهن سبب هن کي زندگيءَ کان ئي نفرت ٿي چڪي هئي......!!!

شام جو ڇئين ڌارا امان، دلدار، سُهڻي ۽ نصيب اسپتال آيا......

پنج فيبروريءَ جي صبح جو صفائي ڪندڙ پنجنيهہ سالہ ڪرسچن عورت "سوسن" وارڊ جي صفائي ڪرڻ آئي، سوسن ڪجهہ ڏينهن کان وارڊ جي صفائي ڪرڻ لڳي هئي. ڇيلهہ کان منڊڪائي هلندڙ هيءَ عورت وارڊ ۾ داخل ٿيندي ئي مون کان طبيعت جو پُڇائو ڪندي هئي، اڄ مان ڪيس انسانيت منجهان "خالا" ڪري ڪوٺڻ لڳو هوس.

"سوسن" ٻڌايو تہ هن جي اولاد پڙهي رهي آهي ۽ هوءَ يا هن جي اولاد اهو صفائي ڪرڻ وارو ڪم نہ ٿي ڪرڻ چاهي، پر خداوند مسيح (حضرت عيسيٰ) شايد هن جي ضرورت مطابق ئي اهو ڪم اڳ ۾ ئي طئي ڪري ڇڏيو آهي.......!!!

ڪيس (حضرت عيسيٰ) جي محبت ۽ ڪيس ٻارڙن جي متعلق هڪ جملو ٻڌايم تہ. حضرت عيسيٰ (يسوع مسيح) فرمايو آهي تہ:

(قيامت جي ڏينهن جنت جون ڪُنجون معصوم ٻارڙن جي ئي هٿن ۾ هونديون........)

تہ هوءَ مون کي غور سان گهورڻ لڳي، پوءِ منهنجي صحتيابيءَ لاءِ پاڻي پڙهي منهنجي زندگيءَ لاءِ (حضرت عيسيٰ) کان دعا گهرڻ لڳي تہ هي ٻچو توسان محبت ٿو رکي، هن کي صحتياب ڪر، هن کي امر زندگي ڏي ۽ سڌي رستي تي هلڻ جي راهہ هموار ڪر.....

(۽ پوءِ مون اهو پاڻي ٻي ڇڏيو......)

شام جو ڇهين ڌارا امان، سهڻي، ادي، نصيب ۽ دلدار کي پئسـ ڌئي ڳوٺ لاءِ رات سادي ائين واري ٽرين ۾ روانو ڪري ڇڏيم.......

امان ۽ دلدار جي وڃڻ کان پوءِ اسپتال ۾ مڪمل طور تي تنهائي وارو ماحول ذهن (ضمير) ۽ دل تي ڇاري ڇيان ڇانئجڻ لڳو، ڇو جو! اسپتال وارا تقريبن ئي مريض پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن عيد ملهائڻ

سرور لغاري سان گڏجي (وارڊ نمبر تيرهن) جي پوئين حصي کان اڏيل هوٽل تي چڪن تڪا (ڪُڪڙ جي پيسن) سان رات جي ماني کائي صبح جو ڳوٺ لاءِ پروگرام جوڙيوسين، چو جو! ٽن مهينن جو ڪورس سترهن فيبروريءَ تي مڪمل ٿي رهيو هو، تنهن ڪري نوَ فيبروريءَ تي نوَ ڏينهن اڳ اسپتال وارن کان اڳ ئي موڪل وٺي ڪارڊ ٺهرائي ذات ڀائي (ڊاڪٽر منظور) صاحب کان گورنمينٽ جون دوائون وٺي ڇڏيون هيم........

نَو فيبروريءَ جي صبح جو ڏهين ڏارا "صوفي رمضان لغاري" (سرور لغاري) ۽ مون کي صدر مان بليو لائين ۾ سوار ڪرائي مانجهاندو ڪرائي ۽ ڪلو ڪن نارنگين جو وٺي ڏئي خدا حافظ چئي واپس اسپتال روانو ٿي ويو، جتي سنڌ سٺوٽ داخل هئي.....!

بليو لائين (ڪوچ) شام جو ڇهين ڏارا حيدرآباد ۾ لاٿو، جتي سرور لغاريءَ کان موڪلائي پناڻ ڪالونيءَ مان ڀٽ شاهه لاءِ ويندڙ بس ۾ پهرين سيٽ تي سوار ٿيس.

بس ڀٽ شاهه ۾ رات جو اوندهه ۾ لاٿو، جتي ڀٽ ڌڻيءَ لاءِ گلن ۽ ڪپڙي جي چادر چاڙهي اجرڪ ڪٺي ڪلهن تان لاهي سنڌ پيرانديءَ کان ميڙ ڪري وڌم، تہ منهنجي دل ۾ احساسن جو تہ توکي پتو آهي.... پوءِ دعا منجهہ ڇا ويهي گهُرانءِ.......؟!

بعد ۾ اُن ئي وقت صوفي راڳي ۽ شاعر ڀٽ ڌڻيءَ جي گادي نشين جي پوٽي فقير سيد جمن شاهہ الحسيني (سيد انيس الحسين) انيس ڀٽائي سان وڃي مليس، جنهن جي مشاعري جي رپورٽ ڪجهہ وقت اڳ سنڌ رائيٽر ميگزين ۾ ڇپي هيم.

رات جو (انيس ڀٽائي) سان ادبي ڪچهري ڪيم، جنهن کان پوءِ صبح جو سوير ئي سوير واپسيءَ لاءِ پروگرام رٿيم، صبح جو نائين ڏارا واپڊا جي ميٽر ريڊر (محمد اسماعيل جت) هوٽل تان چانهہ بسڪيٽ ڪارائي هالا واري وين ۾ ويهاريو، وين تقريبن خالي هئي، جنهن کان پوءِ سادي يارهين وڳي لاڙڪاڻو ڪوچ ۾ هالا بس اسٽاپ کان چڙهيس....

بس بلڪل فل لڳي پئي هئي، پوءِ بہ سوڙهہ سنگهوڙهہ ڪري هڪ

